وَاَنَّ هٰذَا صِرَاطِيْ مُسْتَقِيْمًا فَاتَّبِعُوْهُ



مظهر اللطائف

المعروف

ثنا سي حرفي

محبوب الاحد مطلوب الصمد

حضرت احمد سائين رحمة الله عليه

شارح

علامه الحافظ عارف بالله صوفي القادري

صاحبزاده ميان **آفتاب احمد**

درگاه خانگڑھ شریف

وَأَنَّ هٰذَا صِرَاطِي مُسْتَقِيمًا فَاتَّبِعُوهُ



مظہر اللطائف

المعروف

ثنا سی حرفی

محبوب الاحد مطلوب الصمد

حضرت احمد سائین رحمۃ اللہ علیہ

شارح

علامہ الحافظ عارف باللہ صوفی القادری

صاحبزادہ میاں **آفتاب احمد**

درگاہ خانگڑھ شریف

كتاب جا سڀ حق ۽ واسطا مصنف وٽ محفوظ آهن

كتاب جو نالو ؛ مظهراللطائف المعروف ثنا سي حرفي
مصنف جو نالو؛ مطلوب الاحد محبوب الصمد حضرت ميان احمد سائين رحمة الله عليه (درگاھ خانڳڙھ شريف)
شارح جو نالو ؛ علامہ الحافظ عارف باالله صوفي القادري صاحبزاده ميان آفتاب احمد (درگاھ خانڳڙھ شريف)
پيرو ؛ پهريون
تاريخ اشاعت ؛ 04-01-2021
تعداد ؛ 2000
كمپوزنگ ؛ محمد ابراهيم رضوي
پرنٽنگ ؛ ابراهيم كمپوزنگ سينٽر
جي ٽي روڊ گهوٽكي 03048454976

ملڻ جا هنڌ

سني حنفي رضي كتاب گهرخانقاه ايوانِ جامي شريف گهوٽكي
مهراڻ بڪ اسٽور نم چاڙهي سكر
نوراني بڪ اسٽور بندر روڊ لاڙكاڻو
مكتبہ سخي سلطان چوڙكي گهٽي حيدرآباد
مكتب الغوثيه عسكري پارك كراچي

بسم الله الرحمٰن الرحيم

علّامہ و مولانا و مُرشدنا مَطلُوب الأحد محبوب الصَّمد **حضرت احمّد سائين** رحمة الله عيله خانڳڙهي جو ڪلام

(اميرالبَيان مير حسان الحيدري سُهروردي اُباوڙو)

سنڌ سُونهاري پنهنجي پاڪيزه ڌرتي مان سوين غوث قُطب اَبدال ۽ هزارين اولياءَ، فُقراءَ،صوفي ۽ درويش جنم ڏنا تاريخ جا ورق پلٽڻ سان ڄاڻ پوي ٿي تہ اولياءَ ۽ بزرگن ڪان علاوه هن سونهاري ڌرتيءَ مان بي اَنّت علماءَ، فاضل، دانشور ۽ بيشمار مُحدِث، مُفسِر، فقيه، مُفتي ۽ واعِظ پنهنجا پنهنجا نغارا وڄائي ويا.

افسوس تہ اڀوڄهن،بي عِلمن انهن قابِلِ فخُر سنڌي ماڻهن کي وساري ڇڏيو.اڄُ جي ميڊيائي دؤر ۽ نشر واشاعت جي زماني ۾ جيڪا ادارا يا دوست انهن مشاهير کي زنده ڪرڻ جي ڪوششون ڪن ٿا انهن ڪيريون لهڻيون شابس آهي.

عزيزِ مُحترم،صاحبِ علم وفضيلت ميان آفتاب احمّد سائين خانڳڙهي کي جو پنهنجي بزرگن جي علمي آثار، يادگار تحريرون ۽ اَحوال وَآثار کي قدردانن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ سنڌرو ٻڌو اٿن (فَجَزَاهُمُ اللهُ خَيْرًا)

خانڳڙه شريف جو هي علمي،ادبي ۽ روحاني گهراڻو عظيم سنڌ جو هڪ قابلِ فخر ۽ لائق احترام خاندان آهي، صاحبِ ڪتاب ميان آفتاب احمد سائين قادري

صاحب پنهنجي وقت جي هڪ زنده وليّ،قلندرصفت
درويش جامِ وحدت جي خمار ۾ مست اَلَسْت حضرت
ميان عبدالجبار سائين قادري کانڳڙهي جا فرزند
ارجمند آهن.عربي ۽ فارسي علوم جا دستاربند
عالِمَ،فاضِلَ ۽ ماهِرَ آهن،ميان صاحب کي تقرير وعظ ۽
درس وتدريس سان گڏوگڏ لکڻ پڙهڻ جو بہ شوق جاري
رهندو آهي. زيرِنظر ڪتاب سندن جدِ اَمجد فخرُالاولياء
مُجتهدُ العَصر شارِح سنڌي مشڪواة شريف حضرت
احمد سائين قادري کانڳڙهي عليہ الرحمة جي سنڌي
زبان ۾ چيل هي سي حرفي جي عارفانہ عالمانہ ۽
مُحقِقانہ آسان ۽ جامع شرح آهي. هن خاڪسار جڏهن هن
شرح جو مسوّدو پڙهيو تہ حيرت عبرت ۽ اچرَجَ ۾ اچي
ويو تہ ميان آفتاب احمد قادري دامتْ برڪاتُه هن
نوجُواني جي عالَم ۾ ايڏي قابِل قدر ۽ دلچسپ شرح
لکي آهي جو هر مصرع، هر بيت ۽ هر بند جي مطابقت
۽ تعلُقُ قرآني آيات سان ثابت ڪيو اٿس ڇو نہ هجي آخر
سندن جدِّ اعلىٰ و مُورثِ اعلىٰ مولانا و مُقتدانا هاديءِ
راهِ شريعت رازدارِمعارفِ حقيقت عالمِ علومِ ڪتاب
وسُنّت فاضل فنونِ درسيّات حضرت قبلہ مولانا ميان
خليفہ عبدالغفار مهر قادري النّقشبندي

(خليفہءِ اعظم صاحبِ تمڪين و تصديق ڪاشفِ رموز
دقيق امام طائفہءِ علماء و مشائخ منظورِ بارگاهِ نبوي

صلي الله عليه وآلهٖ وسلم مقبول دربارِ غوثِ اعظم حافظ الملّت والشريعت والدين والتحقيق حضرت حافظ محمّد صديق القادري النقشبندي السُّهَروردي عليہ الرَّحمة والرضوان ڀرچوندي شريف سنڌ) جهڙو نامور شيخ هيو ۽ سندن ڏاڏو حضرت علامہ زمانہ عالم و عامل يگانہ محبوب الصمّد حضرت سائين احمد سائين قادري رحمة الله عليه جهڙي شخصيت هئي. جنهن جي علم عمل ڪرامتن ۽ دعائن جا هوڪا مُلڪان مُلڪ مشهور هئا، حضرت احمد سائين اهو وليّ ڪامل ۽ يگانو فاضل هو جيڪو گهڻين ۽ دڪانن تي هوائن ۾ اڏامندڙ ۽ ماڻهن جي پيرن هيٺان اچڻ وارا ڪاغذ بہ ڪو ماڻهو ڪٽي اچي ڏئي ها يا اخبارن جو ڪو ڦاٽل چيريل پني جو ٽُڪر ڪٽي اچي ها ۽ عرض ڪري ها تہ سائين مان هڪ وڏي مشڪل ۾ ڦاٿل آهيان مهرباني فرمائي مونکي ڪو دُعا جو تعويذ لکي ڏيندا، تہ حضرت احمد سائين رحمة الله عليه هميشہ انهن پنن جي ٽڪرن تي ماڻهن ڪي رڳو ڦوڪو ماري ڏيندا هئا لکندا ڪجهہ بہ نہ هئا، قدرت جو ڪمال ۽ احمد سائين رحمة الله عليه جي ڪرامت هئي جو اهي ڪاغذن جا ٽڪرا ماڻهن جي هر مشڪل حلّ ڪري ڇڏيندا هئا.

حضرت احمد سائين رحمة الله عليه پنهنجن مختصر رسالن ۽ ڪتابڙن ۾ تصوُّف،روحانيت ۽ اَسرار و رُموز

جا وڏا وڏا نُڪتا حلّ ڪيا آهن روحاني علوم ۽ تصوُّف کان علاوه علمي ۽ فقهي مسئلن تي بہ بيشمار رسالا لکيا اٿن هن سان گڏ اختلافي مسئلن تي جهڙوڪ: حاضر ناظر _ علمِ غيب _ نور بشر _ ميلاد ۽ ڳوڻن ۾ نمازِ جمعہ جو قيام _ ويهہ تراويح _ ميّت کي تدفين _ جنازي ۾ دُعا. غرض هر علمي ۽ فقهي ۽ نظرياتي مسئلي تي قرآن، حديث، فقہ ۽ علماءُ ومشائخ جي حوالن سان هر تحرير کي مُدلّل بڻائيندا هئا.

حضرت احمد سائين رحمة الله عليہ جو سڀ کان وڏو ڪارنامو مشڪواة شريف جو سنڌي ترجمو ڪرائڻ ۽ ڇپائڻ آهي جنهن جا اٽڪل اٺ جلد سندن زندگي مبارڪ ۾ ڇپجي چڪا هئا، پاڻ سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جا برڪَ شاعر هئا. شاعري جي هر صِنف کي استعمال ڪيو اٿن، ڪافي _ بيت _ نظم _ سي حرفي جي صِنفن ۾ گهڻو ڪلام ملي ٿو. ڪافي تي پاڻ کي وڏي دسترس هئي، زيرِنظر ڪتاب بہ سندن سي حرفين مان هڪ قابلِ ديد ۽ اَنوکي سي حرفي آهي: هي سي حرفي ذڪر نفِي اِثبات جي مضمونن تي بَڌل آهي، وري عزيز محترم فاضلِ نوجوان، اديب ۽ محقق ميان آفتاب احمد سائين سَلَمَہُ الله تعالىٰ هن جي تحقيقي شرح لکي ڪري هن سي حرفي کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا جو هر بَند ۽ شِعر

جي مضمون کي آيات الٰهي سان مطابقت ڏيئي اهلِ علم کي حيران ڪري ڇڏيو آهي.
هن خاڪسار جي نظر ۾ هن کان پهريان رُڳو خواجہ مُحڪَمُ الدِّين سيراني رحمة الله عليه ۽ مخدوم سيّد حامد محمد گنج حسيني المتلخص بہَ سيد اُڇُوي گيلاني جون سي حرفيون گذريون آهن جن جو هر هڪ مضمون قرآن مان ثابت ڪيو ويو آهي تي سگهي ٿو تہ سنڌي ۽ سرائڪي ۾ اهڙيون ٻيون سي حرفيون بہ هجن. (والله اَعلَم بِالصّوابِ)
محترم ميان آفتاب احمد سائين کي پنهنجي خانداني خزاني کان علاوه پرچوندي شريف جو فيض بہ حاصل آهي جو ميان صاحب کي موجوده سجّاده نشين پيرِ طريقت فخرُالمشائخ اميرِاهلسُنَّت قبلہ پير عبدالخالق سائين قادري دام ظِلّه پاران خلافت بہ حاصل آهي.
خداوند تعالیٰ ميان صاحب جي هن سي حرفي جي شرح ڪرڻ تحت ناچيز جي هن ٻن اکرن کي قبوليت جو شرف بخشي_آمين
ميرحسَّان الحيدري سهروردي القادري.

ا

اوّل پيي تون آخِر پيي تون
باطِن پيي تون ظاهِر پيي تون
بيشڪ تون آن بيرنگ بيچون
خاوند خالق اَرض وسَما
لا اله الا الله

هُوَالاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ، وَهُوَ بِكُلِّ شيءٍ

عَلِيْمٌ○

پ _ 27 _ سورة الحديد _ آيت □

ترجمو: اهو ئي اول ۽ اهو ئي آخر ۽ اهو ئي ظاهر ۽
اهو ئي باطن ۽ اهو ئي سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو.

لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ ج

پارو 25 سورة الشوريٰ رڪوع 2 آيت 11

ترجمو: اُنَ جهڙو ڪو بہ نہ آهي.

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ

پارو 23 سورة الزمر رڪوع 1 آيت 5

ترجمو:انهيءَ آسمان ۽ زمين برحَق ٺاهيا.

تشريح هُوَالاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ ؛ (الآية) جي وِرد سان صاحبِ
سلوڪ ذاڪر کي ڪشفِ قلوب جو درجو بہ حاصل ٿئي

تو ۽ ڪشفِ قبور جو مقام بہ حاصل ڪري سگهجي ٿو، بشرطيڪِ ڪنهن ڪامل فقير ۽ الله واري کان هن جو طريقو ۽ اجازت حاصل ڪري، حضرت احمد سائين رحمة الله عليه بہ پنهنجي سي حرفي جي ابتداء ان آيت مبارڪ جي ترجمي سان ڪئي آهي يعني اول بہ ذاتِ باري آهي ۽ آخر بہ اها ئي ذات آهي. هر مخلوق ۽ هر شيءِ جي باطن ۽ ڳجهہ ۾ بہ اُهو آهي تہ هر شيءِ جي ظاهر ۾ بہ پڌرو اهو ئي آهي.

۽ آخري ٻن مصرعن ۾ بہ حضرت احمد سائين رحمة الله عليه قرآنِ ڪريم جي آيتن (لَيۡسَ ڪَمِثۡلِهٖ ۽ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ) جي راز ۽ رَمزَن کي کوليو آهي يعني عرض ڪن ٿا تنهنجي مثل ڪوئي ڪونهي تون ئي آسمانن ۽ زمين کي پيدا فرمايو آهي.

اَول الله عَلِيمُ، اعليٰ، عالَمَ جو ڏَٺِي؛
قادِرُ پنهنجي قُدرت سين، قائم آهِ قديم؛
والي، واحِدُ، وَحدَہٗ، رازق، رَبُّ رَحِيم؛
سو ساراھ سچو ڏٺي، جَئي حَمدُ حَڪِيم؛
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙون جوڙ جهان جي.

ب

باري برحقّ داوَردَانا
ياري بخشين ناتوانا
غير وِلادت ذاتِ يگانا
ڪونهي ڪو ٻيو غيرُ سِوا
لا اله الا الله

وَاَسِرُّوْ قَولَكُمْ اَوِاجْهَرُوْابِهٖ اِنَّهٗ عَلِيْمُ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ○
پارو 29، سورة الملڪ، آيت 13
ترجمو: ۽ توهان پنهنجي ڳالهه آهستي ڪريو يا وڏي آواز سان اُهو تہ دلين جي ڄاڻ رکي ٿو.

اِنَّ وَلِيِّ اللّٰهُ الَّذِيْ نَزَّلَ الْكِتٰبَ وُهُوَيَتَوَلَّي الصّٰلِحِيْنَ○
پارو 9، سورة اعراف، رڪوع 24، آيت 194
ترجمو: بيشڪ منهنجو والي الله آهي، جنهن ڪتاب لاٿو ۽ اهو نيڪن ڪي دوست رکندو آهي.

لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ○
پارو 30، سورة اخلاص، آيت 3
ترجمو: نہ انجي ڪا اولاد ۽ نہ اهوڪنهن ڪان پيدا ٿيو.

هن بند جي هر مصرعي جي ثبوت ۾ هڪ آيت قرآن شريف جي پيش ڪئي وئي آهي ۽ هي حضرت شيخنا احمد سائين رحمة الله عليه جو ڪمال آهي جو هر شعر ۽ هر مصرعو قرآن مجيد جي آيت مطابق

ارشاد فرمايا ۽ جيڪڏهن بَنّدَ جي پهرين مصرعي ۾ ذات برحقّ جي طاقت ۽ علم کي وَاَسِرُّوُ قولَکُمۡ جي آيت سان ثابت ڪيو اٿئون تہ ٻيو مصرعو اِنَّ وَلِيِّ اللّٰهُ الَّذِيۡ جي آيت سان ثابت ٿئي ٿو، اهڙي ريت ٽيون ۽ چوٿون مصرعو سورة اخلاص مان ثابت فرمايو اٿن، "سبحان الله" احمد سائين رحمة الله عليه جي سي حرفي گويا قرآن جو ترجمو آهي.

ت

توري تَڪِيو نانهن تـوَلا
ڏاڍا اَهنجا اوک اَوَلا
سائين ڪـر تـون سَـهَنجا سَـولا
راحِـم ڪـر تون رَدّ بَلا
لا اله الا الله

هُوَاللّٰهُ الَّذِيْ لَآاِلٰهَ اِلَّا هُوْ٥

پارو 28، سورة الحشر، رڪوع 3، آيت 23

ترجمو: اهو ئي الله آهي، جنهن کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي

وَمَنْ يَتَوَكَّلْ عَلَي اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُه ط

پاره 28 سورة الطلاق رڪوع 1 آيت 3

ترجمو: ۽ جيڪو الله تي ڀروسو رکي تہ اهو انکي ڪافي آهي

اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرا٥

پارو 30، سورة الانشراح، آيت 6،

ترجمو: بيشڪ ڏک پُٺيان سُک آهي.

فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْعُسْرٰی

پارو 30، سورة الليل، آيت 10

ترجمو: پوءِ اسان تمام جلد انکي ڏکيائي تيار کري ڏيندا سين.

وَمَآ اَصَابُكُمْ مِنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ○

پارو 25، سورة الشوریٰ، رکوع 4، آيت 30

۽ توهان کي جيڪا بہ مصيبت پهتي اهو انجو سبب آهي، جيڪو توهان جي هٿن ڪمايو، ۽ اهو گهڻو ڪجهه معاف فرمائيندو آهي.

حضرت احمد سائين رحمة الله عليه پهريون مصرعو (هُوَاللّٰهُ الَّذِيْ ، وَمَنْ يَّتَوَكَّل عَلَي اللّٰهِ) جي آيتن جي دليل سان لکيو آهي تہ واقعي ذات واحد کان سواءِ مخلوق لاءِ ٻيو ڪو سهارو ۽ تڪيو تولا ناهي، ۽ خدا جي ذات پاڪ تائين پهچڻ ايترو سوکو ناهي بلڪ زندگيون ڳارڙيون پونديون آهن، ۽ پوئين ٽن مصرعن ۾ قرآن ڪريم جي آيتن (وَمَآاَصَابُكُمْ ۽ فَسَنُيَسِّرُهٗ) جي دليل سان مُبَرْهَن فرمايو آهي تہ اي منهنجا مالڪ اسان جي لاءِ رستا آسان فرماءِ ۽ اسان تي رحم فرماءِ، بلايون دور فرماءِ.

ث

ثابت رکُ تون دين اسان جو
هادي حَبل متين اسان جو
ياوَرَ بخشِ يقينُ اسانجو
وَحدت وارو جامُ پِلا
لا اله الا الله

وَثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَانْصُرْنَا عَلَي الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ○

پاره 2، سورة بقره، رکوع 33، آيت 25

ترجمو: ۽ اسان جا پير ثابت رک ۽ ڪافر قوم تي اسان جي مدد فرماءِ

وَاعْتَصِمُوْ بِحَبْلِ اللهِ○

پاره

ترجمو: ۽ الله جي رَسّي کي مضبوطي سان جهليو.

وَيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَايَحْتَسِبُ وَمَنْ يَتَوَكَّلْ عَلَي اللهِ فَهُوَحَسْبُه ط

پاره 28 سورة الطلاق رکوع 1 آيت 3

ترجمو:انکي اتان روزي ڏيندو جتان انجو گمان بہ نہ هجي ۽ جيڪو الله تي ڀروسو رکي تہ اهو انکي ڪافي آهي.

وَسقٰهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا○

پاره 29 سورة الدهر رکوع 1 آيت 21
ترجمو: ۽ انهن کي پاڪيزه شراب سندن رب پياريو.
هن بند جي پهرين مصرعہ ۾ احمد سائين رحمة الله عليه دينِ برحق دينِ اسلام تي ثابت قدم رهڻ جي دُعا گهُرن ٿا جيئن تہ خود ربّ العٰلمين پهرين آية ڪريمہ ۾ پاڻ اسان کي اها دعا سيکاري آهي تہ "اي منهنجا پروردگار مونکي دين اسلام تي ثابت قدم رک ۽ ڪافرن تي غلبو عطا فرماءِ" ٻئي مصرعہ ۾ آية شريفہ وَاعۡتَصِمُوۡ جي حوالي سان فرمائن ٿا تہ اسان کي پنهنجي هادي نبي ڪريم صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جو حڪم آهي تہ حَبۡلِ متين يعني قرآن شريف جي رسيءَ کي مضبوطي سان جهليو ۽ جيڪي قرآن جي مضبوط رسيءَ تي يقين رکندا تہ ڪاميابي ضرور ملندي. ٽئين ۽ چوٿين مصرعين ۾ (وَيَرۡزُقۡهُ مِنۡ حَيۡثُ لَا يَحۡتَسِبُ ۽ وَسَقٰهُمۡ رَبُّهُمۡ) جي آيتن جي روشني ۾ بارگاه خداوندي ۾ عرض ڪن ٿا تہ اي منهنجا مولا اسان کي پُختو يقين ۽ پنهنجي ذات اَحَدِيّت جي معرفت جو جام عطا فرماءِ.

ج

جاڳي جوشُ جمال الٰهي
بخشِ وِصالُ ڪمالُ الٰهي
هردم منجهه خيال الٰهي
جلوو پنهنجو پرين پسا
لا اله الا الله

قَالَ رَبِّ اَرِنِيْٓ اَنْظُرْ اِلَيْکَ.

پارو 9، سورة الاعراف، رڪوع 17، آيت 143

ترجمو: عرض ڪيائين منهنجا رب مونکي پنهنجو ديدار ڪراءِ جيئن مان توکي ڏسان.

تشريح: هن بند ۾ حضرت احمد سائين حضرت موسيٰ عليه السلام جي ڪيفيت جي طرف اشارو ڪندي پنهنجي مالڪ حقيقي کي عرض ڪن ٿا ته اي منهنجا موليٰ جيئن حضرت موسيٰ عليه السلام کي پنهنجي جمال جو جوش ۽ ڪمال جو وصال بخشيو ۽ هردم ان کي پنهنجي خيال ۾ رهايؤ ۽ پنهنجي جلون جي زيارت ڪرايس اهي تنهنجي جلون جا جوش، وصال ۽ خيال جي نعمت اسان کي به عطا فرماءِ.

نوٽ: هن دعا منجهان اِها به معلومات ملي ٿي ته حضرت احمد سائين پنهنجي دعائن ۾ جماعت کي به گڏ رکيو

آهي چو تہ هر دعا ۾ پنهنجو خصوصي نالو نہ ورتو آهي اگر سندن جو پيروڪار ان طريقي کي مضبوطي سان پڪڙي جيڪو سندن جو ڏنل آهي تہ يقينن اهي جماعتي بہ ڪامل ايمان ۽ معرفت الٰهي کان خالي نہ هوندا. (ان شاءَالله)

ح

حَمدَ هزارين تنهنجا هادي
شوقَ سَندي جي ڏي ڪا شادي
صوفين وارو سَير سَوادي
قادِرَ قُدرت ساڻ ڪراءِ
لا اله الا الله

وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا

پاره 13، سورة ابراهيم، رڪوع 5، آيت 34

۽ جيڪڏهن الله جون نعمتون شمار ڪريو ته ڳڻي نه سگهندؤ

وَلَوْ اَنَّ مَا فِي الْاَرْضِ مِنْ شَجَرَةٍ اَقْلَامٌ وَّالْبَحْرُ يَمُدُّهٗ مِنْ بَعْدِهٖ سَبْعَةُ اَبْحُرٍ مَّا نَفِدَتْ كَلِمٰتُ اللّٰهِ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ○

پاره 21، سورة لقمان، رڪوع 3، آيت 27

ترجمو: ۽ جيڪڏهن زمين جا سمورا وڻ قلم ٿي وڃن ۽ سمنڊ ان جي مَسُ ٿئي ان جي پٺيان ست سمنڊ ٻيا هجن پوءِ به الله جا ڪلما ختم نه ٿيندا بيشڪ الله عزّت ۽ حڪمت وارو آهي.

تشريح: حمدِ الٰهي جو ڪو انتُ ۽ شمار ڪونهي ۽ عاشق يا مُحبّ هميشه پنهنجي محبوب جي تعريف

ڪري خوش ٿيندو آهي تنهنڪري حضرت احمد سائين فرمائن ٿا تہ "اي منهنجا رب مونکي پنهنجي ديدار جي شوق جي لذت ۽ مناس عطا فرماءِ تمام جهانن ۾ يعني عالمِ مَلَڪوت کان وٺي عالمِ لاهوت تائين سير ڪراءِ مونکي بہ" صوفياءِ ڪرام ۽ اولياءِ عظام واري روحاني سير جو سواد عطا فرماءِ.

آخري مصرعہ ۾ بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪن ٿا تہ "اي رب ڪريم عالمِ ملڪوت، جبروت ۽ لاهوت جي سير تنهنجي لطف ۽ ڪرم کانسواءِ پنهنجي پاران ڏنل طاقت، قوت ۽ قدرت کانسواءِ ڪنهن کي حاصل نٿي ٿي سگهي.

نوٽ: هي تشريح مٿي ڏنل آيتن جي وضاحت بہ آهي يعني هي بند انهن آيتن جو مظهر آهي



خوف خيال ۽ خطره خامي
خ
آڻي وڏا اَندَرَ حرامي
توريءَ تڪيو طَلبَ تمامي
لاهي ڪرِ سڀ فَرقَ فنا
لا اله الا الله

وَمَا اُبَرِّئُ نَفْسِيْ اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌ بِالسُّوْءِ اِلَّا مَارَحِمَ رَبِّيْ اِنَّ رَبِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ○

پاره 13 سورة يوسف رڪوع 7 آيت 53

ترجمو: ۽ مان پنهنجي نفس کي بيقصور نٿو چوان بيشڪ نفس تہ برائي جو وڏو حڪم ڏيندڙ آهي مگر جنهن تي منهنجي ربّ رحم فرمايو، بيشڪ منهنجو ربّ بخشيندڙ مهربان آهي.

تشريح: حضرت احمد سائين هن بند جي ٻن مصرعن ۾ مٿي ڏنل آيت ڪريمہ جي روشني ۾ نفس امّاره (جيڪو برائي جو وڏو حڪم ڏيندڙ آهي) ڪان پنهنجي ربّ ڪريم جي پناه روتي آهي تہ اي منهنجا مولا منهنجي اندرَ ۾ جيڪو نفس اماره وينو آهي مونکي هر وقت ان مان خوف ۽ خطره موجود رهندا آهن نفس اماره جي

ڪري مون ۾ هزارون عيب ۽ خاميون پيدا ٿي ويون آهن تنهنجي فضل ڪرم ۽ رحم ڪان سواءِ مان نفس جي انهن خطرن ڪان محفوظ نہ رهي سگهان ٿو تون ئِي مونکي بچاءِ ۽ حفاظت فرماءِ جيئن حضرت يوسف عليہ السلام جهڙي پاڪباز ۽ معصوم نبي بہ پنهنجي پاڻ کي الله جي سپرد فرمايو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ
كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى إِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ إِبْرَاهِيْمَ
إِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ
كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى إِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ إِبْرَاهِيْمَ
إِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ

دردَ اندرَ جي جي دانهن ڏٽي رَسُ
د هيٺو حال هي پاڻ ڪٽي پَسُ
باري آهيان بيڪس بيوَسُ
شافي ٿي تون شاهنشاه
لا اله الا الله

اَمَّنْ يُجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَيَكْشِفُ السُّوْءَ
پاره. 20 سورة النمل. رڪوع. 5 آيت .62
ترجمو: يا اهو جيڪو پريشان دل جي ٻڌي ٿو جڏهن اهو ڪيس پڪاري ۽ تڪليف ٽاري ٿو.
وَاِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ○
پاره 19 .سورة الشعراء. رڪوع 5. آيت 62
ترجمو: ۽ جڏهن مان بيمار ٿيان ٿ مونکي شفا ڏي ٿو.
تشريح: حضرت احمد سائين هن بند ۾ پنهنجي روحاني ۽ جسماني ظاهري ۽ باطني بيمارين ۽ مرضن جي دانهن پنهنجي ڏٽي ڪي ڏي ٿو جيئن مٿي ڏنل آيتن مان معلوم ٿيو حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله علٰي نبيّنا وعليہ الصّلاة والسّلام پنهنجي هر ڏک ۽ بيماري جي دانهن ربّ سائين تائين پهچائي ۽ پاڻ مٿي ڏنل آيتن جي حوالي سان ثابت ڪيو آهي ته هر هيٺي ڪمزور

بيور ۽ بي سهارا انسان جو مددگار ساٿي سگهه قوت ۽ وَسَ رڳو ذات برحقّ آهي ٻيو ڪو بہ هيٺن ۽ بي سگهه بي وسيلن ڪي پار نٿو پهچائي سگهي هن ڪري جيڪو انسان هيٺائي ڪمزوري ۽ بيوسي ۾ دل سان پنهنجي ڏٽي ڌانهن رجوع ڪندو تہ هر گرداب ۽ مشڪل کان ڇوٽڪارو ۽ نجات حاصل ڪري سگهي ٿو.

سات دنوں کے وظائف

ہفتہ کے دِن لَا اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہ سو بار پڑھنے سے غم دور ہو جاتے ہیں.

اتوار کے دِن یَا حَیُّ یَا قَیُّومُ ہزار بار پڑھنے سے روزی غیب سے ملے

سوموار کے دِن بھی یَا حَیُّ یَا قَیُّومُ ہزار بار پڑھنے سے روزی بڑھے.

منگل کے دِن صَلَّی اللّٰہُ عَلَی النَّبِیِّ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمْ ہزار بار پڑھنے سے بلا ٹلے

بدھ کے دِن استغفار ہزار بار پڑھنے سے قبر کے عذاب سے محفوظ رہے

جمعرات کے دِن لَا اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْمَلِکُ الْحَقُّ الْمُبِیْنُ ہزار بار پڑھنے سے ایمان ملے

جمعہ کے دِن اَللّٰہُ ھُوَ سو مرتبہ پڑھنے سے تنگی دور ہو جاتی ہے

ذاکرَ ڪَرِ مَنجِھ ذاتِ يگانا
ذ طلبَ جا تَنَ ۾ وَڄَن ٽرانا
رحمت وارا کولِ خُزانا
ھر دَم گھولج حُسَن ھَوا
لا اله الا الله

فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْالِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ○

پاره 2 سورة البقره رڪوع 18 آيت 125

ترجمو: سو اوهان مونکي ياد ڪريو تہ مان اوهان جي پرچار ڪندس ۽ منهنجو حق مڃو ۽ منهنجي نا شڪري نہ ڪريو.

اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ○

پاره 8 سورة الاعراف رڪوع 7 آيت 56

ترجمو: بيشڪ الله جي رحمت نيڪن جي قريب آهي.

تشريح: هن بند ۾ حضرت احمد سائين آيت (فَاذْكُرُوْنِيْ ۽ اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ) جي روشني ۾ ذڪر جي حقيقت فضيلت ۽ برڪت بيان فرمائي آهي پاڻ فرمائن ٿا اي طالبِ ذڪر اي سالڪ تون ذڪر جو آغاز ڪرڻ مهل پنهنجو سمورو خيال ذات يگانا يعني ذاتِ حقّ ۾ محو ڪري ڇڏ تنهنجي دل ۾ روح ۾ بدن ۾ بلڪ بدن جي

هرهر وار ۾ ڌيان خيال ۽ تصور رکو ذاتِ حقّ جو هجي پوءِ فرمائن ٿا تہ پنهنجي تن بدن ۽ جسم کي تنبورو (دنبورو) بڻائي ڇڏ تہ تنهنجي هرهر رڳ مان ذڪر حق جا ترانا پيا وڄن جڏهن تون ذڪر ۾ هن ريت فنا ٿي ويندين تہ مذڪور يعني ذات خدا توتي رحمت جا خزانا ۽ ڀنڊار کولي ڇڏيندو ۽ تنهنجي جسم جان ۽ تن بدن تي حسن حقيقي رحمتِ حق ۽ جلوه جوت الٰهي جون هوائون پيون گهلنديون.

لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ مَنْ ذَا
الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗ اِلَّا بِاِذْنِهٖ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖ اِلَّا بِمَا
شَآءَ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَلَا يَئُوْدُهٗ حِفْظُهُمَا
وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ

رَهبرَ رَسُ بي رَاهو آهيان
ر
وارِثَ رَسُ بي واهو آهيان
آسَ اميد نہ تون ٿئِن لاهيان
رَاهَ رُلي کي رَستي لاءِ
لا اله الا الله

لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللهِ ط اِنَّ اللهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ط اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ○

پاره 24 سورة الزمر رکوع 6 آيت 53

ترجمو: الله جي رحمت کان نا اميد نہ ٿيو بيشڪ الله سمورا گناه بخشي ٿو بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان آهي.

اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ○

سورة الفاتحہ آيت 5

ترجمو: اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ

تشريح: هن بند ۾ حضرت احمد سائين مٺي ڌنل آيتن جي وضاحت بہ ڪئي آهي ۽ بارگاه خداوندي ۾ عرض بہ ڪن ٿا تہ اي منهنجا مولا آءُ بي راهو آهيان منهنجي داد رسي فرماءِ بي واهو آهيان منهنجي وارثي ڪرِ مان

تو مان اميد نہ لاٿي اٿم توئي رُلين کي راهِ راست عطا فرماءِ

نوٽ : حضرت احمد سائين هن بند ۾ ربّ ڪريم جي فرمانبرداري ۾ بيحد عاجزي جو اظهار فرمايو آهي

سُبْحَانَ ذِی الْمُلْكِ وَالْمَلَكُوْتِ سُبْحَانَ ذِی الْعِزَّةِ وَالْعَظْمَةِ وَالْهَيْبَةِ وَالْقُدْرَةِ وَالْكِبْرِيَاۤءِ وَالْجَبَرُوْتِ سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْحَيِّ الَّذِی لَا يَنَامُ وَلَا يَمُوْتُ سُبُّوْحٌ قُدُّوْسٌ رَبُّنَا وَرَبُّ الْمَلٰۤئِكَةِ وَالرُّوْحِ اَللّٰهُمَّ اَجِرْنَا مِنَ النَّارِ يَا مُجِيْرُ يَا مُجِيْرُ يَا مُجِيْرُ اَلصَّلٰوةُ بِرَ مُحَمَّدٍ

زور وڌي ٿو ديو دروني
ز ظالم آٿي ڪئي آ زبوني
رهبر ڪر ڪا راھ نموني
بچڙي بد بلا کان بچا
لا اله الا الله

وَلَا اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ اللَّوَّامَةِ○
پاره 29 سورة القيامة رکوع 1 آيت 2
ترجمو: ۽ ان ساھ جو قسم جيڪو پاڻ تي گهڻي ملامت ڪري.
رَبَّنَا ظَلَمْنَا اَنْفُسَنَا وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْلَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ○
پاره 8 سورة الاعراف رکوع 2 آيت 23
ترجمو: اي اسان جا رب اسان پنهنجو پاڻ نقصان ڪيو.جيڪڏهن تو اسان کي نه بخشيو ۽ اسان تي رحم نه ڪيئي ته اسان ضرور نقصان وارن مان ٿينداسين.
تشريح: هن بند ۾ به مٿي ذڪر ڪيل آيتن جي وضاحت فرمائيندي حضرت احمد سائين نفس امّاره جي حملن جو ذڪر فرمائي ڪري پنهنجي مولا کان دعا گهرن ٿا ته اي

منهنجا ڏٽي منهنجي اندر ۾ نفس امّاره ويٺو آهي
جيڪو ديوَ کان بہ ڏاڍو بڇڙو ۽ کوجهو بَدُ بلا آهي هن
ظالم منهنجي اندر کاڻُ هنئي منهنجي وجود قلب ۽
خيالن کي زَبُون ۽ ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي مان هن
جي مقابلي کان عاجز ۽ ڪمزور آهيان اي منهنجا مولا
هاڻي هن عاجز جي رهبري فرماءِ هن کي نفس جي قيد
مان آزادي بخش

لوحِ قرآني

بسم الله الرحمن الرحيم

الٓمٓ	حٰمٓ عٓسٓقٓ	نٓ
الٓمٓصٓ	حٰمٓ	يٰسٓ
كٓهٰيٰعٓصٓ	قٓ	اٰمين

س

سائلُ آيُم سائين تو دَرِ
سمجَهہ صحيح ڏي ٻاهرِ اندرِ
هِمَّت حامي وَاسمَعۡ وَانۡظُرۡ
حافظ هَادي لَهجُ سَمَاءُ
لا اله الا الله

قَالَ رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ وَيَسِّرْلِيْ اَمْرِيْ واحْلُلْ عُقْدَةً مِنْ لِّسَانِي يَفْقَهُوا قَوْلِيْ.

پاره 16 سورة طٰهٰ رکوع 2 آيت 25 تا 28

ترجمو: عرض ڪيائين اي منهنجا ربّ منهنجي واسطي منهنجو سينو ڪولي ڇڏ ۽ منهنجي واسطي منهنجو ڪم سولو ڪر ۽ منهنجي زبان جي ڳنڍِ ڪول جيئن اُهي منهنجي ڳالهہ سمجهن.

وَاَمَّا السَّائِلَ فَلَا تَنْهَرْط ○

پاره 30 سورة الضحٰي آيت 10

ترجمو: ۽ سوالي کي نہ جهڻڪ.

هن بند ۾ حضرت احمد سائين مُبتدي سالڪ ۽ طالبِ سُلوڪ کي سبق ڏي ٿو تہ ذڪر جي آغاز ڪان پهريان بہ ۽ پوءِ بہ الله تعالي جي بارگاهہ ۾ هي دُعا گهرُ تہ اي منهنجا مالڪ مان تنهنجي درَ جو سائل آهيان مونکي

اهڙو فهم ۽ فڪرونظر عطا فرماءِ جو اندر ٻـ ذڪر هجي ۽ ٻاهر ٻـ منهنجو تـن بدن ۽ جسم ٻـ الله الله ڪري ۽ منهنجو قلب روح نفس ۽ سارا لطيفا تنهنجي ذڪر ۾ محو ٿي وڃن جيڪر تنهنجي ذات سلوڪ جي منزل ۾ ۽ شريعت جي واٽ ۾ حوصلو نـ بخشيندي ۽ منهنجي حامي نـ ٿيندي تـ مان شريعت،طريقت،حقيقت ۽ معرفت جي هي منزل ماڻي نـ سگهندم اي حاضر ناظر مولا مان توکي عرض ڪندس تـ "وَاسۡمَعۡ وَانۡظُرۡ" يعني تون ٻُڌ ۽ تون ڏِس منهنجي ڳالهه ٻُڌُ ۽ تون ڏِسِ مان عاجز تي رحمت جي نظر وِجُهه:اي منهنجا رب هادي ٻـ تون آهين ۽ حافظ ٻـ تون آهين هدايت ۽ رهنمائي ٻـ تنهنجي هٿ (دستِ قدرت) ۾ آهي شيطان ۽ نفس جي هرشِرَّ کان حفاظت ۾ رکڻ ٻـ تنهنجي قدرت ۾ آهي جيڪر تو حفاظت نـ فرمائي ۽ هدايت نـ ڏني تـ پيو ڪير اسان جي سڌ سماء لهندو

بسم الله الرحمن الرحيم

ش
شَڪَ لَٿا ٿيو شُعَاع شَهَادت
اَحمد ۾ تصديق صِداقت
مُطلق هِڪَ غفاري طاقت
مَحض مُحِيط سَين تي سَدا
لا الٰه الا اللّٰه

نَبِّئْ عِبَادِيْ اَنِّيْٓ اَنَا الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ○

پاره 14 سورة الحجر رڪوع 4 آيت 49

ترجمو: خبر ڏيو منهنجن ٻانهن کي تہ بيشڪ مان ئِي بخشيندڙ مهربان

وَانْشَقَّ الْقَمَرُ○

پاره 27 سورة القمر رڪوع 1 آيت 1

ترجمو: ۽ چنڊ چيرجي پيو

تشريح: هن بند ۾ حضرت احمد سائين طالبِ سلوڪ جي منزل ۽ قرب جو ذڪر فرمائن ٿا ۽ پنهنجا مشاهدا بيان ڪندي فرمائين ٿا تہ جڏهن پنهنجي مرشدِ اعلیٰ رهبرِ طريقت حضرت حافظ الملّت عليہ الرحمة جي فيضانِ نظر سان ۽ پنهنجي ظاهري ۽ روحاني والد ماجد ۽ مُربّي جي ظاهري باطني تربيّت سان قلب جا دروزا کُليا

۽ سيني لطيفن ۾ ذڪرِ ذات جاري ٿيو تہ زمين کان آسمان تائين هر پاسي ربَّاني جلوه ۽ الٰهي تجلِّيَّات جو مشاهدو حاصل ٿيو سمورا شڪً، وَهم، وسوسہ ۽ گمان دور ٿي ويا ۽ نوراني شعائن جا مُشاهدا ۽ جمالِ ذات جا نظارا ڏسڻ ۾ ٿي آيا. سندن جي هن بند مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ پاڻ مٿي ڏنل آيتن جي وضاحت بہ فرمائي آهي يعني منهنجي ربّ جي طرفان مليل بخشش جهڙي نعمت جو بہ ذڪر فرمايو تہ معجزه (شقّ القمر) ڏانهن بہ اشارو فرمايو آهي

صِدقون تو دَرِ سِيسُ نِوايون
ص تنهنجون لاشڪ لَکَ پلائُون
بخشِ اسان جُون مِيرَ منداٸُون
قلبَ جي ڪارَنهِن قادِرَ لاهِ
لا اله الا الله

رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذۡنَاۤ اِنۡ نَّسِيۡنَاۤ اَوۡ اَخۡطَاۡنَا

پاره 3، سورة البقره، رکوع 40، آيت 286

ترجمو: اي اسان جا ربّ اسان تي پَڪڙ نہ فرماءِ جيڪڏهن اسان وِساريون يا غلطي ڪري ويهون.

وَاعۡفُ عَنَّا وَاغۡفِرۡلَنَا وَارۡحَمۡنَا

پاره 3، سورة البقره، رکوع 40، آيت 286

ترجمو: ۽ اسان کي معاف فرماءِ ۽ بخشِ ۽ اسان تي مِهَرَ فرماءِ.

وَكَفِّرۡ عَنَّا سَيِّاٰتِنَا وَتَوَفَّنَا مَعَ الۡاَبۡرَار

پاره 4، سورة ال عمران، رکوع 20، آيت193

ترجمو: ۽ اسان جون منداٸون مِيٽِ ۽ ڀلارن سان اسانجو موت ڪرِ.

تشريح: هن بندَ ۾ حضرت احمد سائين مٿي ڏنل آيتن مطابق بارهِ خداوندي ۾ عرض ڪن ٿا اي منهنجا مولا مان تہ صبح شام ۽ رات ڏينهان تنهجي دروازي تي پنهنجي سِيسَ نوايان ٿو تنهنجون لکَ لکَ پلايون ۽ ڪروڙين نعمتون آهن جن جو شڪرانو ساري عمر ۾ ادا ڪري نٿو سگهان جي تون ئِي اسان جون ميرايون مَندايون بخشيندين تنهن ڪري هر دم تنهنجي ٻاجهه ۽ رحمت جا طلبگار آهيون منهنجا پروردگار منهنجا مولا ساري عمر تنهنجي ذڪر ۽ فڪر ۾ گذري آهي پر قلب جي ڪارَنهِنَ ۽ دل جي سِياهي اڃان تائين نہ لٿي آهي منهنجا ربّ! پنهنجي محبوب ص جي صدقي اسان جي ڪاري ڪوجهي ڪِني دل کي شيشي وانگر صاف ڪري هن ۾ پنهنجا تجلّي شعائون ۽ نور داخل فرماءِ جو تون ئِي آسمانن ۽ زمين جو نور آهين

لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ

ضامن معنىٰ صورت شامل
ض ڪرمون ڪر ڪريمان ڪامِلُ
وَحدتَ ساڻُ تيان مان واصِلُ
ساڻ صِداقت قُربُ وڏاءِ
لا اله الا اللهُ

وَمَامِنْ دَابَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَي اللّٰهِ رِزقُهَا

پاره 12، سورة هود، رڪوع 1، آيت 6

ترجمو: ۽ زمين تي چُرَندڙ ڪا بِہ شيءِ اهڙي نہ آهي جنهنجو رِزق الله جي ڪرم جي ذمّي نہ هجي.

وَاِنِّيْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ثُمَّ اهْتَدٰي

پاره 16، سورة طٰهٰ، رڪوع 4، آيت 82

ترجمو ۽ بيشڪ مان ڏاڍو بخشيندڙ آهيان انکي جنهن توبه ڪئي ۽ ايمان آندائين ۽ چڱا ڪم ڪيائين پوءِ هدايت تي رهيو.

وَهُوَ الْغَفُوْرُ الْوَدُوْدُ

پاره 30، سورة البروج، آيت 14

ترجمو: ۽ اهو ئي آهي بخشڻ وارو نيڪ ٻانهن کي پيارو رکندڙ.

تشريح: هن بند ۾ حضرت احمد سائين آيت (وَمَامِنْ دَآبَّةٍ) ڏانهن اشارو ڪندي فرمائن ٿا تہ الله تعاليٰ جي ذات پنهنجن ٻانهن جي رزق روزي جو ضامن آهي ۽ اهو هر حال هر صورت شامل آهي فرمانبردار نافرمان سڀ ڪي رزق عطا فرمائي ٿو ۽ الله تعاليٰ جي بخشش ۽ مهربانن وارن آيتن جي طرف اشارو ڪندي حضرت احمد سائين فرمائن ٿا انجون ڪامل مهربانيون هميشہ شاملِ حال آهن ۽ آخري ٻن مصرعن ۾ دعا گهرن ٿا تہ اي الله اسانکي پنهنجي ذات يڪتا ۾ فنائيَّت بخش ۽ پنهنجو قرب وڏاءِ

الصَّلوٰةُ والسَّلامُ عَلَيْكَ يَا سَيِّدِيْ يَا رَسُوْلَ اللّٰه

طلبَ سچي جي طاقتَ ڏي ٿون
ط مامَ سندِي جي مَحبَت ڏي ٿُون
غير خيال نندوراني تون
سِکَ سَچائي ڪَري سَها
لا اله الا الله

وَاِنْ يُرْدِكَ بِخَيْرٍ فَلَا رَآدَّ لِفَضْلِه ط○
پاره 11 سورة يونس رکوع 11 آيت 107
ترجمو: ۽ جيڪڏهن تنهنجي ڀلائي چاهي تہ انجي فضل کي ڪو رد ڪرڻ وارو نہ آهي.

يَاَيُّهَا الذِيْنَ اٰمَنُوْا اتَّقُوْا اللهَ وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ○
پاره 11 سورة التوبة رکوع 15 آيت 119
ترجمو: اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ سچن جي صحبت ۾ هجو.

وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا .
پاره 21 سورة العنڪبوت رکوع 7 آيت 69
ترجمو: ۽ جن اسان جي راھ ۾ ڪوشش ڪئي اسان ضرور انهن کي پنهنجي راھ هلائيندا سين.

تشريح: حضرت احمد سائين مٿين آيتن مبارڪن جي روح ۽ خلاصو بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ اي منهنجا مولا مان هڪ بيوس عاجز انسان آهيان هدايت ۽ گمراهي تنهنجي هٿ (دست قدرت) ۾ آهي جنهن ٻانهي تي تنهنجو فضل ٿئي هن ڪي ڪو بہ روڪي ڪو نہ ٿو سگهي مونکي بہ پنهنجي فضل و ڪرم سان پنهنجن سچن ٻانهن جي قطار ۾ شامل فرماءِ ۽ منهنجا رب مونکي تقوٰي ۽ پرهيزگاري عطا فرماءِ جيڪا تنهنجي فضل بنا ڪنهن کي نہ ملي سگهي ٿي منهنجا ڪريم جنهن ٻانهن کي تو صدّيق جو لقب ڏنو ۽ جنهن جودرجو انبياء عليهم السّلام کان پوءِ ساري مخلوق کان مٿانهون ڪيو اُتي مون عاجز گنهگار کي انهن صدّيقن جي غلامن شامل فرماءِ.

ظ

ظاهرُ تنهنجي شَاهَنشاهي
باطنُ تنهنجي رَمُز رَوَائي
هر دَم تُنهنجي حُڪُمَ هلائي
توکي لائق سَڀَ ثنا
لا اله الا الله

اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ.

پاره 12 سورة يوسف رکوع 5 آيت 40

ترجمو: حڪم تہ فقط الله جوئي آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ۝

پاره سورة الفاتحة آيت 1

ترجمو: سڀ خوبيون الله جي لاءِ آهن جيڪو ساري جهان وارن جو پالڻهار آهي

هُوَالْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ.

پاره 27 سورة الحديد آيت 3

ترجمو: اهوئي اول ۽ اهو ئي آخر ۽ اهو ئي ظاهر ۽ اهوئي باطن.

تشريح: مٿي ذڪر ٿيل آيتن ۾ الله تعالىٰ جي بادشاهي ۽ حمد جو ذڪر مِلي ٿو حضرت احمد سائين بہ انهن

آيتن جي وضاحت ۾ خالق ڪائنات جي بارگاهه ۾ عرض ڪن ٿا تہ عالمِ مَلڪ هجي يا ملڪوت يعني ظاهري جهان هجي يا روحاني دنيا عالَمِ لاهُوت هجي يا نَاسُوت تحت الثّرٰي (زمين جي آخري ستين طبقي) ڪان وٺي لامڪان تائين رڳو تنهنجو حڪم هلي ٿو عالمِ خلق جو حاڪم بہ تون آهين ۽ عالمِ اَمر جو خالق ۽ مالڪ بہ تون آهين هرلحظي هر آن ۽ هر لمحي تنهنجي حڪمراني ۽ فرمانروائي هلي ٿي جيئن تہ پاڻ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ فرمائين ٿو تہ (كُلَّ يَوۡمٍ هُوَ فِيۡ شَاۡنٍ) هوءَ ذات نئين نئين تخليق اِبۡداعُ ۽ آفرينش جو مالڪ آهي ۽ روزانو پنهنجي مخلوق ۽ مبدَعات ۾ ڦير گهير آڻي ٿو تنهنڪري حضرت احمد سائين فرمائن ٿا تہ هر قسم جي حمد تعريف ۽ ثناء توکي لائق آهي ۽ تو کي ئِي جڳائي ٿي.

ع

عَينُ عنايت احمدؑ تي ڪَرِ
هادي هَٿَ حِمايتَ جا ڏَرِ
ساڻُ رضا جي رَسّجان رَهبَرَ
مِهَرون مَنَ جي مُونجھ ڪلا
لا الٰه الا اللّٰه

وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰي صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ○

پاره 11 سورة يونس رکوع 3 آيت 25

۽ جنهن کي وڻيس سڌي واٽ هلائي ٿو.

وَتُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ بِيَدِکَ الْخَيْرُ.

پاره 3 سورة اٰلعمران رکوع 3 آيت 26

ترجمو: جنهن کي گهرين عزت ڏين ۽ جنهن کي گهرين ذلت ڏين.

قَالَ اِنَّمَا اَشْکُوْا بَثِّيْ وَحُزْنِيْ اِلَي اللّٰهِ.

پاره 13 سورة يوسف رکوع 10 آيت 85

ترجمو: چيائين مان تہ پنهنجي پريشاني ۽ غم جي فرياد الله کي ئي ڪندو آهيان.

تشريح: مٿي آيت مبارڪ ۾ الله جي نبي حضرت يعقوب عليہ السلام پنهنجي پريشاني ۽ غم جي فرياد

الله جي بارگاھ ۾ ڪرڻ فرمائي آهي، اهڙي نموني حضرت احمد سائين بہ هن بند ۾ پنهنجي ڪريم آقا ۽ مولا کي عرض ڪري ٿو تہ اي ربّ العالمين هن عاجز بانهي احمد تي عنايت ۽ فضل و ڪرم جو هٿ (دستِ قدرت) رکُ جو تنهنجي ذات ڪان سواءِ ٻيو ڪو حيلو وسيلو ڪونهي اسانجا گناھ بخش خطائون معاف فرماءِ تون اسان جو مولا مالڪ ۽ والي آهين توکان سواءِ ڪو حامي ۽ ناصر ناهي.

نوٽ: حضرت احمد سائين هن بند ۾ لفظ هادي فرمائي ممڪن آهي تہ پنهنجي مرشد مربّي حضرت عبدالله الملقب بہٖ هادي سائين ڏانهن اشارو ڪيو هجي (والله اعلم بالصَّواب)

قَدۡ اَفۡلَحَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ۙ الَّذِیۡنَ هُمۡ فِیۡ صَلَاتِهِمۡ خٰشِعُوۡنَ ۙ

غ

غيرُ نہ ڄاڻُ عين سڃاڻُ
پنهنجو پاڻَ کي پاڻَ پُڇائِڻُ
خامَ خُودي جو خيال نہ آڻُ
اِها سَمجهہ صَحيح سِڪاءِ
لا اله الا الله

وَفِيْٓ اَنْفُسِكُمْ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ○

پاره 26 سورة الذاريٰت رکوع 1 آيت 21

ترجمو: ۽ پاڻ توهان ۾ پوءِ ڇا توهان ڏسو نہ ٿا.

اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِيْفًا.

پاره 7 سورة الانعام رکوع 9 آيت 78

ترجمو: مون پنهنجو منهن انجي طرف ڪيو جنهن آسمان ۽ زمين بنايا فقط انهيءَ جو رهي ڪري.

فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ ط

پاره 1 سورة البقرة رکوع 14 آيت 114

ترجمو: سو توهان جيڏانهن بہ منهن ڪيو اوڏانهن وجه الله(خدا جي رحمت توهان طرف متوجهہ) آهي.

تشريح: مٿي ذڪر ڪيل آيتن مان اهو سبق ملي ٿو تہ ٻانهون هميشہ پنهنجي ربّ جي ذات جي طلب ۾ گذاري ۽

هميشہ توجھ ان ذات ڏانھن هجي اهڙي نموني حضرت احمد سائين بہ پنھنجي ربّ جي ڏنل حڪم مطابق دعا گھرن ٿا تہ ياالله اسان کي غير کان بچاءِ عين ذات (تنھنجي ذات احديّت) جي معرفت عطا فرماءِ ۽ سندي پاڻ ۾ تنھنجي ذات کي ڳولڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ اسان مان انا (تڪبّر) جي بيمار کي دور ڪرِ ۽ صحيح رستو عطا فرماءِ

نوٽ : حضرت احمد سائين هن بند ۾ وحدة الوُجود جي مسئلي ڏانھن بہ اشارو فرمايو آهي جھڙي نموني اولياءَالله جي اڪثريت ان عقيدي جي قائل آهي يعني ڪائنات ۾ رڳو هڪ ذات الله جي آهي جيڪا واجبُ الوُجود آهي ان ذات کان سواءِ جيڪو ڪجھ آهي مثلِ ظلال (پاڇن) جي آهي جيئن هڪ ڪافي ۾ پاڻ فرمائن ٿا تہ

ڪونھي ٻيو ڪونھي ٻيو، حقُ هِڪُ ٿِيوحقُ هِڪُ ٿِيو
جَنھن رنگَ ۾ پايو لِيئو، آهي اِهو آهي اِهو

ف

فَرقُ فِراقُ فنا كَرِ حَالي
كولِجُ جلوو جان جَمالي
وَحدَت وارو جامُ وِصالي
اَحمدَ تي ٿيو عَين عَطا

لا الٰه الا الله

سُبْحٰنَ الَّذِيْ اَسْرٰي بِعَبْدِہٖ.

پاره 15 سورة بني اسرائيل رڪوع 1 آيت 1

ترجمو: پاڪائي آهي ان کي جيڪو پنهنجي ٻانهي کي راتو رات وٺي ويو.

قَالَ لَنْ تَرٰانِيْ وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَي الْجَبَلِ.

پاره 9 سورة الاعراف رڪوع 17 آيت 123

ترجمو: فرمايائين تون مون کي هرگز ڏسي نہ سگهندين پر هن پهاڙ جي طرف ڏس.

وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ○

پاره 26 سورة .ق.رڪوع 2 آيت 16

ترجمو: ۽ اسان دل جي رَڳَ کان بہ انکي وڌيڪ ويجها آهيون.

فَكَشَفْنَا عَنْكَ غِطَاءَكَ فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ حَدِيْدٌ○

پاره 26 سورة .ق.رڪوع 2 آيت 22

ترجمو: پوءِ اسان توکان پردو هٽايو پوءِ اڄ تنهنجي نگاهه تِکي آهي.

تشريح: مٿي ذڪر ٿيل آيتن ۾ ربّ ۽ ٻانهي جي وچ ۾ قربت جو ارشاد ٿيل آهي يعني الله تعالي پنهنجي محبوب محمَّد مصطفيٰ صلي الله عليه وآلہٖ وسلم کي معراج ڪرائي پنهنجو ديدار پسايو ۽ حضرت موسيٰ عليه السّلام کي پنهنجي نوري تجلّي عطا فرمائِي ۽ پنهنجي سيني ٻانهن کي اِهو فرمايو تہ الله ٻانهن جي ساهه جي رڳ کان بہ وڌيڪ ويجهو آهي. حضرت احمد سائين بہ هن بند ۾ انهن آيتن جي روشني ۾ دعا گهرن ٿا تہ ياالله فراق جي پردي کي هٽائي پنهنجي وصال جو ڪمال ۽ جمال جو جلوو عطا فرماءِ جيئن محبوب ڪريم صلي الله عليه وآلہٖ وسلم تي عين عنايت ٿي ۽ حضرت موسيٰ عليه السّلام جهڙن نبيّن تي مهرباني ٿي.

وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ

ق

قادرَ تُنهنجي قدرتَ قائمُ
حيرت ۾ جِنّ اِنسَ بَهَائِمَ
شَمس قمر گرُداني دَائِمَ
هيبت تنهنجي هَوش رُبا
لا اله الا الله

وَالشَّمْسُ تَجْرِيْ لِمُسْتَقَرِّ لَّهَا.ط ذَالِکَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزُ الْعَلِيْمِ ○ وَالْقَمَرَ قَدَّرْنٰـهُ مَنَازِلَ حَتّٰي عَادَ كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِيْمِ ○

پاره 23 سورة يٰس رکوع 3 آيت 38.39

ترجمو: ۽ سج هلي ٿو پنهنجي هک منزل لاءِ هي حکم آهي زبردست علم واري جو ۽ چنڊ جي واسطي اسان منزلون مقرر کيون آهن ايستائين جو وري ٿي ويو جي پراڻي ڏنگي ٿاري وانگر.

اِنَّ اللهَ عَليٰ کُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ○

پاره 1 سورة البقرة رکوع 2 آيت 20

ترجمو: بيشک الله سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو.

تشريح: حضرت احمد سائين مٿي ذکر ٿيل آيتن جي وضاحت فرمائيندي هن بند ۾ مالک الملک جي قدرت

طاقت ۽ قوت جو ذڪر فرمايو آهي جيڪي لامحدود آهن آسمانن ڪي بنا ٿنين جي بيهارڻ.سج ۽ چنڊ جو هڪ خاص نظام قائم ڪرڻ ڌرتي جو فرش وڇائڻ سمندن ۾ وڏا وڏا پهاڙ ۽ جبل بيهارڻ ۽ پٿرن ۽ جهازن ڪي پاڻي ۾ هلائڻ الله جي قدرت کان سواءِ نا ممڪن آهي انسان قدرت جا اهڙا نظاره ڏسي ڪري حيرت ۽ اچرج ۾ اچي وڃي ۽ انساني عقل قدرت جي ڪمالات جو ادراڪ نہ ڪري سگهي ٿو سمندن.جنگلن ۽ پهاڙن ۾ هيبت ناڪ مخلوق ڏسي ڪري عقل دنگ رهجي ويندو آهي ۽ انسان ڪي ايمان آڻڻو پوندو آهي اهي شيون هڪ عظيم ۽ طاقتور خالق جي تخليق جو شاهڪار آهن ۽ چوڻو پوندو آهي تہ "لاالٰهَ الاالله" الله جي ذات کانسواءِ ڪو معبود ۽ ڪو بيو خالق ناهي

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ رَبِّيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ خَلَقْتَنِيْ وَاَنَا عَبْدُكَ وَاَنَا عَلٰى عَهْدِكَ وَوَعْدِكَ مَا اسْتَطَعْتُ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ اَبُوْءُ لَكَ بِنِعْمَتِكَ عَلَيَّ وَاَبُوْءُ بِذَنْبِيْ فَاغْفِرْ لِيْ فَاِنَّهٗ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّآ اَنْتَ (بخاری)

ڪونهي تنهنجي ذات جي ڏاران
ڪ وحدَت ماري پاڻ پُڪاران
هيتِ مَتي هَر حال تَنوارَان
ريءَ اسانجي ربُّ نہ آ
لا اله الا الله

لَاشَرِيْکَ لَهٗ وَبِذَالِکَ اُمِرْتُ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ○
پاره 8 سورة الانعام رکوع 20 يت 163
انجو ڪوئي شريڪ نہ آهي ۽ مونکي اهو ئي حڪم ٿيو آهي ۽ مان سمورن کان پهريون مسلمان آهيان.
تشريح: حضرت احمد سائين ذڪر ٿيل آيتِ ڪريمہ جي وضاحت فرمائيندي هن بند ۾ ذاتِ حق جي واحديّت ۽ احديّت جو اظهار ڪندي فرمائن ٿا تہ اي منهنجا ربّ تنهنجي ذات کان سواءِ ٻي ڪا بہ هستي نہ آهي هر جاءِ هر هنڌ تنهنجي ذات نظر اچي ٿي تنهنجي وحدت پاڻ ئي پڪاري چوي ٿي تہ زمين آسمان جو خالق ۽ مالڪ مان آهيان انهن ۾ رهڻ واري مخلوق روحاني هجي توڻي جسماني انهن جو رازق خالق ۽ پالڻهار بہ مان پاڻ آهيان تحت الثَّريٰ (يعني ڌرتي جي هيٺين ستين طبق کان وٺي زمين جي مٿاهين طبق تائين ۽ زمين جي پُشت

كان وڌي عرش اعظم تائين) هر مخلوق منهنجو ذكر
كري ٿي ۽ زمين آسمان جي هر طبق ۾ منهنجي ذكر
۽ اسماءِ حسنيٰ جون پكارون اچن ٿيون تنهنكري
حضرت احمد سائين ﺑﻪ فرمايو (ريءَ اسانجي ربّ ﻧﻪ آ)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ الْعَافِيَةَ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ
اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِيْ دِيْنِيْ وَدُنْيَايَ
وَاَهْلِيْ وَمَالِيْ اَللّٰهُمَّ اسْتُرْ عَوْرَاتِيْ وَاٰمِنْ رَّوْعَاتِيْ
اَللّٰهُمَّ احْفَظْنِيْ مِنْ بَيْنِ يَدَيَّ وَمِنْ خَلْفِيْ وَعَنْ
يَمِيْنِيْ وَعَنْ شِمَالِيْ وَمِنْ فَوْقِيْ وَاَعُوْذُ بِعَظَمَتِكَ
اَنْ اُغْتَالَ مِنْ تَحْتِيْ (ابوداؤد)

ل

لَمۡ يَلِدۡ نہ ڪنهنجو ڄايو
لَايَزَالُ نہ ڪنهن اُپايو
مختياري مُطلق صاحبِ رَايو
انجي گهر ۾ ناهي اَڙا
لا اله الا الله

وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِي الْمُلْكِ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلِيٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَكَبِّرْهُ تَكْبِيْرًا ○

پاره 15 سورة بني اسرآئيل رکوع 12 آيت 113

ترجمو: ۽ هن طرح چؤ تہ سموريون تعريفون الله جي واسطي جنهن پنهنجي واسطي اولاد ڪي اختيار نہ فرمايو ۽ بادشاهي ۾ ڪوبہ سندن شريڪ نہ آهي ۽ ڪيس ڪو مددگار (جي ضرورت) آهي (مثال طور) ڪمزوري ڪان ۽ انجي وڏائي جي واسطي تڪبير چؤ.

يُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَهُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ○

پاره 11 سورة يونس رکوع 11 آيت 107

ترجمو: فضل پهچائيندو آهي پنهنجي ٻانهن مان جنهن ڪي وڻيس ۽ اهوئي بخشيندڙ مهربان آهي.

تشريح: هن بندَ ۾ حضرت احمد سائين مٿي ذڪر ٿيل آيتن جي روشني ۾ خالص توحيد جو بيان ڪندي فرمايو آهي تہ اي منهنجا واحد خدا تون نہ ڪنهنجو خلقيل آهين ۽ نہ وري توکي ڪنهن خلقيو آهي تون اَزَل کان اَبدَ تائين ۽ اوّل کان آخر تائين هڪ بي مثال واحد خدا آهين ۽ باقي سڀ تنهنجي خلقيل مخلوق آهي تون مختيار مُطلق آهين حڪم، رايو ۽ اختيار رڳو تنهنجو هلي سگهي ٿو باقي سڀ مخلوق تنهنجي محتاج آهي جيڪو ڪجھ توکان گهرندا آهيون ان ۾ ڪا بہ اڙاند ۽ رڪاوٽ ناهي ٻانهو محتاج ۽ بيوس آهي اي واحد لاشريڪَ تون اولاد کان پاڪ آهين ڪنهن کي اِهو حقّ ناهي تہ تنهنجي اولاد سڏائي تنهنجي مُلڪ ۽ اَملاڪ ۾ ڪو تنهنجو شريڪ يا ڀاڱي ڀائيوار ناهي توکي ڪنهن ولي وارث ۽ مددگار يا ٻانهن ٻيلي جي ضرورت ناهي تنهن ڪري اسان تنهنجي وڏائي ۽ ڪبريائي بيان ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نٿا ڏسون تنهنڪري چئون ٿا الله اڪبر(الله تعاليٰ سڀ وڏن کان وڏو آهي)

معنيٰ تو منجهه سَڀ ڪنهن صورت
مامَ ۾ چورين مَخفي مُورتَ
ميت ڪان حيّ حيّ ڪان ميت
تَفۡعَلُ مَا تُرِيۡدُ تَشَآءُ
لا اله الا الله

م

فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ.
پاره 1 سورة البَقره رکوع 14 آيت 115
سو توهان جيڏاهن بہ منهن ڪريو اوڏانهن وجهُ الله (خدا جي رحمت توهان طرف مُتَوَجِّهه) آهي.
لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ ط وَهُوَالسَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ○
پاره 25 سورة الشوريٰ رکوع 2 آيت 11
ترجمو: ان جهڙو ڪو بہ نہ آهي ۽ اهو ئِي ڏسي ٻُڌي ٿو.
يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ.
پاره 21 سورة الروم رکوع 2 آيت 115
ترجمو: اهو زنده کي ڪڍي ٿو مُئلَ منجهان ۽ مُئلَ کي ڪڍي ٿو جيئري مان.
تشريح: هن بندَ جي هر مصرعي ۾ حضرت احمد سائين مٿي ڏنل آيتن جي وضاحت فرمائيندي بارگاهہ خداوندي

۾ عرض ڪن ٿا ته اي منهنجا مولا ٻنهن جهانن جي هر مخلوق ۾ تنهنجي ذات جو ظهور ۽ نور آهي مخلوق جي وجودن، جسمن، شڪلن، صورتن، پنن، گلن ڦلن ۽ ميون جو اصل ۽ روح تنهنجي ذات جو مظهر آهي تون شڪل کان پاڪ آهين پر هر شڪل ۾ موجود آهين تون صُورت ۽ مُورت کان پاڪ آهين پر هر صُورت ۽ هر مُورت ۾ تنهنجو وُجود آهي ڇو ته تون واجبُ الوجود ۽ واحد مطلق آهين تون مُردي کان جيئرو وُجود ٻاهر آڻين ٿو (جيئن آني يا بيضي کان مرغي جو ٻچو) ۽ جيئري کان مُردو پيدا ڪرين ٿو (جيئن مرغي کان آنو) تنهنجي قدرت جا ڪمال انساني عقل کان ٻاهر ۽ مٿانهان آهن تون جو چاهين ۽ جيئن چاهين ڪري سگهين ٿو تنهنجي حڪم کان سواءِ هڪُ پَنُ ۽ ڪَکُ ٻِه چُري نٿو سگهي.

اَللّٰهُمَّ عَافِنِيْ فِيْ بَدَنِيْ اَللّٰهُمَّ عَافِنِيْ فِيْ سَمْعِيْ اَللّٰهُمَّ عَافِنِيْ فِيْ بَصَرِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِكَ مِنَ الْكُفْرِ وَالْفَقْرِ اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ (ابوداوٗد)

نانهين شريڪ نہ تنهنجو شاني
ن ڪونهي ڪو ٻيو تنهنجو ثاني
تون آن باقي باقي فاني
هي هو تنهنجي حڪم هلا
لا اله الا الله

كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ○ وَيَبْقىٰ وَجْهُ رَبِّكَ ذُوالْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ○
پاره 27 سورة الرحمٰن رکوع 2 آيت 26.27
ترجمو: زمين تي جيترا بہ آهن سمورن کي فنا آهي ۽ باقي آهي تنهنجي رب جي ذات عظمت ۽ بزرگي واري.

كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَه ط لَهُ الْحُكْمُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ○
پاره 20 سورة القصص رکوع 9 آيت 88
ترجمو: هر شيءِ فاني آهي انجي ذات کانسواءِ انهيءَ جو ئِي حڪم آهي ۽ انهيءَ جي طرف موٽايا ويندؤ.

اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ.
پاره 13 سورة يوسف رکوع 8 آيت 67
ترجمو: حڪم تہ سمورو الله جو ئِي آهي.

تشريح: مٿي ذڪر ٿيل آيتن مان معلوم ٿيو تہ هر شيءِ فنا ٿيندي باقي ذات الله جي رهندي ۽ هميشہ حڪم بہ

انجو ئِي هلندو.حضرت احمد سائين بہ انهن آيتن جي وضاحت فرمائِي آهي يعني الله جي بارگاهہ ۾ عرض ڪن ٿا تہ اي واحد لاشريڪ بيشڪ تون لاشريڪ ربّ آهين ۽ تنهنجو ڪو شريڪ آهي نہ مَٽُ نہ ثاني ازل کان اَبدَ تائين ۽ اَبدَ کان لامحدود ۽ نامعلوم زمانن تائين بقا،قيام ۽ ثبوت صرف تنهنجي ذات کي آهي باقي سڀ ڪائنات ذرتي ۽ آسمان عرش ۽ فرش بي بقا زوال پذِير ۽ فاني آهن تون "ڪُنۡ" سان هر شيءِ جوڙي بڻائي سگهين ٿو ۽ وري پنهنجي امر سان هن کي فنا بہ ڪري سگهين ٿو ڇو تہ "لَهُ الۡخَلۡقُ وَالۡاَمۡرُ" مطلب تہ تخليق بہ تنهنجي هٿ (دستِ قدرت) ۾ آهي ۽ فنا جو امر بہ تنهنجي هٿ (دستِ قدرت) ۾ آهي.

اَللّٰهُمَّ عَالِمَ الۡغَيۡبِ وَالشَّهَادَةِ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ رَبَّ كُلِّ شَيۡءٍ وَّمَلِيۡكَهٗ اَشۡهَدُ اَنۡ لَّآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنۡتَ اَعُوۡذُ بِكَ مِنۡ شَرِّ نَفۡسِيۡ وَمِنۡ شَرِّ الشَّيۡطَانِ وَشِرۡكِهٖ وَاَنۡ اَقۡتَرِفَ عَلٰى نَفۡسِيۡ سُوۡٓءً اَوۡ اَجُرَّهٗ اِلٰى مُسۡلِمٍ (ترمذی)

وَفِيٓ اَنۡفِسِكُمۡ كيو اِشارو
و نَحۡنُ اَقۡرَبُ ماريؤ نعرو
كوهِ طورتي تنهنجو نُور نِظارو
واحِدَ تنهنجا وَاهَ وَڏا
لا اله الا الله

وَفِيٓ اَنۡفُسِكُمۡط اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ○پاره 26 سورة الذاريٰت
رکوع 1 آيت 21
ترجمو: ۽ پاڻ توهان ۾ پوءِ ڇا توهان ڏسو نٿا.
وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ○پاره 26 سورة "ق"
رکوع 2 آيت 16
۽ اسان دل جي رَڳَ کان بہ ان کي وڌيڪ ويجها آهيون.
وَلٰكِنِ انۡظُرۡ اِلَي الۡجَبَلِ فَاِنِ اسۡتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوۡفَ تَرَانِيۡ
پاره 9 سورة الاعراف رکوع 17 آيت 143
پر هن پهاڙ جي طرف ڏسُ جيڪڏهن اهو پنهنجي جاءِ تي برقرار رهيو تہ عنقريب تون مونکي ڏسي وٺندين.
تشريح: حضرت احمد سائين مٿي ذکر ٿيل پهرين ٻن آيتن جي رازن کي ظاهر فرمائيندي پهرين ٻن مصرعن ۾ فرمائن ٿا تہ ربّ العٰلمين اسان کي پنهنجي ذات جي ڳولا تلاش ۽ جستجو ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو آهي تہ اي

منهنجا ٻانها تون مونکي هيڏي هوڏي زمينن ۽ آسمانن ۾ چنڊ،سج ۽ ستارن ۾ سمندن،جبلن ۽ جهر جهنگ ۾ ڇو ٿو تلاش ڪرين اجايو ڇوٿو پريشان ٿئين ڇوٿو دَرَدَرَ رُلين ۽ ڀٽڪين جيڪر تون پنهنجي وجود ۾ پنهنجي ذات ۾ سچي دل سان ڌيان،غور ۽ فڪر ڪرين تہ مان خود تنهنجي مَنَ ۾ تنهنجي دل ۾ تنهنجي شَهَ رَڳَ کان بہ ويجهڙو آهيان ٿئين ۽ ڇوٿين مصرعن ۾ آيت (وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَى الْجَبَلِ) جي روشني ۾ عرض ڪن ٿا ياالله تنهنجي نور جو نِظارو طور جبل تي پيو پر حقيقت ۾ جبل طور تہ ڇا بلڪ هر هنڌ تنهنجي ئِي نورَ جا نِظارا آهن.

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَصْبَحْتُ ﴿اَمْسَيْتُ﴾ اُشْهِدُكَ وَاُشْهِدُ حَمَلَةَ عَرْشِكَ وَمَلٰٓئِكَتَكَ وَجَمِيْعَ خَلْقِكَ بِاَنَّكَ اَنْتَ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ وَحْدَكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُكَ وَرَسُوْلُكَ (ابوداوٗد)

ھ

هردم هلي حال هُوِيّتَ
منجھ هُوِيّتَ محض مَعِيّتَ
غالب غير تي ٿئي محويّت
صُوفي صَافي صاف صَفا
لا اله الا الله

وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ.

پاره 27 سورة الحديد رکوع 1 آيت 4،
ترجمو: ۽ اهو توهان سان گڏ آهي توهان ڪٿي بہ هجو.

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ○

پاره 2 سورة البقره رکوع 28 آيت 222
ترجمو: بيشڪ الله توبه ڪندڙن کي گهڻو پسند ڪري ۽ پاڪائي ڪندڙن کي پسند فرمائي ٿو.

تشريح: حضرت احمد سائين هن بند ۾ مٿي ذڪر ڪيل آيتن جي روشني ۾ تصوُّف جي هڪ اهم، نازڪ ۽ مخفي راز کي کولن ٿا عالم هاهوت ۽ اسم هُوَ جي ڪيّفيت بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ اسان هاڻي هن مقام تي وجي پهتا آهيون جو هر وقت اسان کي عالم هُوِيّت جو حال طاري، ساري ۽ جاري آهي سلطان الاذڪار جا مقامات طئي ڪرڻ کان پوءِ سالڪ تي عالمِ هُوِيّت ۽ ذڪر هُوَ

جا جلوه ظاهر ٿيندا آهن ۽ سالڪ فنا ۽ بقا جي مقام تي وڃي پهچندو آهي ۽ هُوَ هُوَ ۾ فنا ٿي ڪري معيّت ۽ قربِ اِلٰهي جي نعمتن جو حقدار بڻجندو آهي سالڪ کي مقامِ هُويّت ۽ محويّت ۾ دنيا جي هر شيءَ فاني نظر ايندي آهي ذاتِ احد کان سواءِ هن کي ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو آهي هي مقام فنا في الله ۽ بقا بِالله جو آهي جيڪو هر طالب هر ذاڪر ۽ هر سالڪ جو مقصود،مطلوب ۽ منظور هوندو آهي.

نوٽ: هن بند کان معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت احمد سائين کي پنهنجي مُرشِد ڪامل هادي ۽ رَهبر حضرت حافظ الملت حافظ محمد صديق (ڀرچونڊي شريف) ۽ حضرت هادي مالڪان ميان محمد عبدالله سائين جي نظرِڪيميا جي اثر جي صدقي فَنا ۽ بَقا جو هي آخري مقام سلوڪ ۽ روحانيت جو رتبو حاصل ٿي چڪو هو.

اَصْبَحْنَا ﴿اَمْسَيْنَا﴾ عَلٰى فِطْرَةِ الْاِسْلَامِ وَعَلٰى كَلِمَةِ الْاِخْلَاصِ وَعَلٰى دِيْنِ نَبِيِّنَا مُحَمَّدٍ ﷺ وَعَلٰى مِلَّةِ اَبِيْنَا اِبْرَاهِيْمَ حَنِيْفًا مُّسْلِمًا وَّمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ (احمد)

لاشڪ لاشريڪ شهنشاهه

ل آمِر ناهِي اَقرب اَعلٰي

اُنجو حُڪم هميشه بَالا

رَکي پنهنجي چَاهه چَلا

لا اله الا الله

لَوْ كَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا ج.

پاره 17 سورة انبياء رکوع 2 آيت 22

ترجمو: جيڪڏهن آسمان ۽ زمين ۾ الله کان سواءِ ڪي ٻيا خدا هجن ها ته ضرور اهي تباهه ٿي وڃن ها.

وَمَآ اٰتٰكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ج وَمَا نَهٰكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ج

پاره 28 سورة الحشر رکوع 1 آيت 7

۽ جو ڪجهه توهان کي رسول عطا فرمائي اهو وٺو ۽ جنهن کان منع فرمائي انهيءَ کان رڪجي وڃو.

بَلْ لِّلّٰهِ الْاَمْرُ جَمِيْعًا ط

پاره 13 سورة الرعد رکوع 4 آيت 31

ترجمو: بلڪ سمورا ڪم الله جي ئِي اختيار ۾ آهن.

تشريح: هن بند ۾ حضرت احمد سائين شرڪ ۽ بدعت جي پاڙ پٽيندي وحده لا شريڪ جي توحيد بيان ڪرن ٿا

تہ رب العٰلمين جو ڪو ثاني مثال نظير ۽ شريڪ ناهي هو شهنشاهہ مطلق آهي هر بادشاهہ ۽ حاڪم جي بادشاهي ۽ حڪومت ختم ٿي ويندي پر هن جي حڪومت ۽ شهنشاهي ازل کان ابد تائين قائم رهندي سموري ڪائنات تي زمينن ۽ آسمانن تي هر هر مخلوق تي حڪم بہ هن جو هلندو رهندو امر ۽ نهي بہ انجي هلندي تڏهن تہ پنهنجي امر نهي جي نافذ ڪرڻ لاءِ رسول ۽ نبي موڪليا ۽ اسان جي پياري محبوب نبي ڪريم صلي الله عليه وآله واصحابه وسلم کي انهن جو امام ڪري موڪليائين ۽ هاڻ رب جا احڪام امر نهي جا احڪام اسانکي اُهي ميٺا آهن جيڪي خاتم الانبياء اسان کي عطا فرمايا آهن.

احمد جو تون شانُ وڏايو
مُرسلُ ماڻِڪُ عربي آيو
ڦُربُون ڪلمي منجھ گڏايو
وَاهَ عَجائب رَمُزَ رَلا
لا اله الا الله

اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ○

پاره 30 سورة الانشراح آيت 1

ترجمو: ڇا اسان تنهنجو سينو ڪشادو نہ ڪيو.

وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ○

پاره 30 سورة الانشراح آيت 4

ترجمو:۽ اسان تنهنجي واسطي تنهنجي ذڪر کي بلند ڪري ڇڏيو.

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ.

پاره 26 سورة الفتح رڪوع 4 آيت 29

ترجمو:محمّد الله جو رسول آهي.

تشريح : هن بند ۾ حضرت احمد سائين گذريل بند جي وڌيڪ تشريح بيان فرمائي آهي گذريل بند ۾ بيان ڪيو ويو هيو تہ الله تعالي أمر (حڪم ڏيڻ وارو) ۽ ناهِي

(منع ڪرڻ وارو) آهي ۽ الله جي امر نهي جا احڪام نبين ۽ رسولن جي ذريعي جاري ٿيندا رهيا آهن پر هاڻ جڏهن سڀ نبين جو امام خاتم الانبياء تشريف وٺي آيو تہ رب العٰلمين حڪم فرمايو تہ هاڻي منهنجو پيارو محبوب توهان کي جيڪو حڪم(امر) ڏي اُن تي عمل ۽ جنهن ڳالهہ کان منع (نهي) ڪري رڪجي وڃو حضرت احمد سائين فرمائن ٿا تہ اهو شان صرف احمد عربي صاحبِ لولاڪ کي حاصل آهي جو پاڻ هڪ لک چوويهہ هزار پيغمبرن جي شريعتن کي سندن صحيفن،رسالن ۽ سندن ڪتابن (تورات،زبور،انجيل وغيره) کي منسوخ ڪري شريعتِ محمدي ۽ دينِ محمدي يعني اسلام جو جهنڊو بلند ڪيو جيڪو قيامت تائين قائم رهندو

احمد عربي عليه وعلي اٰلِه صلوٰةً وسلامًا اهڙي رمز پنهنجي ربّ سان رَلائي جو قيامت تائين رڳو

لاالٰہَ الااللّٰہُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰہِ

جو ڪلمو دائم قائم ۽ باقي رهندو(رهي نام الله جو)

بسم الله الرحمن الرحيم

٤

اَجِدَهُ بِيِ بَا سپ نُبُوَّت
آل اصحاب ۽ ساري اُمّت
سَارا تنهنجا اهلِ اطاعت
سپ تي رحمت رَبّ وَساءِ
لا اله الا الله

وَالَّذِيْنَ مَعَه' اَشِدَّاءُ عَلَي الْكُفَّارِ رُحَمَاءُ بَيْنَهُمْ تَرَاهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللهِ وَرِضْوَانًا.

پ.26 س.فتح رکوع 4 آيت 29

ترجمو: ۽ انجا ساٿي ڪافرن تي سخت آهن ۽ پاڻ ۾ نرم دل تون انهن کي ڏسندي رکوع ڪندي سجدي ۾ ڪرندي الله جو فضل ۽ رضا ڳوليندي.

وَاِنَّکَ لَعَلٰي خُلُقٍ عَظِيْمٍ○

پاره 29 سورة القلم رکوع 1 آيت 4

ترجمو: ۽ بيشڪ تون نهايت عظيم اخلاق جو مالڪ آهين.

تشريح: جهڙي نموني مٿي ذڪر ڪيل آيتن ۾ الله تعالي پنهنجي محبوب محمّد ڪريم صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جو شان ۽ اهلِ بيت اطهار ۽ صحابہ ڪرام رضي

الله عنهم جو مقام ظاهر ڪرڻ فرمايو آهي اهڙي نموني حضرت احمد سائين بہ انهن آيتن جي روشني ۾ حضور سرورِڪائنات جي ابن ڏاڏن اجداد ڪرام عليهم السّلام ۽ آلِ رسول صلي الله عليه وآلهٖ وسلم واهلِ بيت اطهار ۽ اصحابِ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين ۽ تمام امتِ محمّديہ صلي الله عليه وآلهٖ وسلم ۽ تمام حضورپُورنورصلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي ادب (اطاعت ۽ فرمانبرداري)ڪرڻ وارن جو ذڪرِخير بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ حضورانورصلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي صدقي ۾ انهن سين تي الله تعالیٰ جون لکين ۽ ڪروڙين رحمتون هجن

سُبْحَانَ الله

ي
ياوَرَ بيشڪ ڏني يَاري
غُفرَ احمد ٿي بهاري ١٣٣٣
اِسمون جِسمون ٿي سَڀ ساري
هِيڏي هوڏي هِڪُ الله
لا اله الا الله

لِيَغْفِرَلَكَ اللّٰهُ مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنبِكَ وَمَاتَاَخَّرَ .
پاره 26 سورة الفتح رکوع 1 آيت 2
ترجمو: جيئن الله تنهنجي سببان گناه بخشي تنهنجي اڳين جا ۽ تنهنجي پوين جا.

سُبْحٰنَ الَّذِيْ اَسْرٰي بِعَبْدِهٖ لَيْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِالْحَرَامِ .
پاره 15 سورة بني اسرائيل رکوع 1 آيت 1
ترجمو: پاڪائي آهي ان کي جيڪو پنهنجي ٻانهي کي راتو رات وٺي ويو مسجد حرام کان.

لَآاِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ سُبْحٰنَكَ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ○
پاره 17 سورة الانبياءِ رکوع 6 آيت 186
ترجمو: ڪو بہ معبود نہ آهي توکان سواءِ تنهنجي پاڪائي آهي بيشڪ مون کان بيجا "ڪم" ٿيو.

لَوْكَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَاج.

پاره 17 سورة انبياء رکوع 2 آيت 22

ترجمو: جيڪڏهن آسمان ۽ زمين ۾ الله کان سواءِ ڪي ٻيا خدا هجن ها تہ ضرور اهي تباهہ ٿي وڃن ها.

تشريح: هن بند ۾ حضرت احمد سائين پنهنجي سي حرفي جي اختتام جو هجري سال بہ بيان فرمايو آهي تہ هي سي حرفي سال 1333 هجري ۾ الله تعالىٰ جي مدد ۽ مهرباني سان پوري ٿي احمد (احمد سائين شاعر) جا گناهہ هن سي حرفي جي صدقي معاف ڪيا ويا ۽ هن مسڪين احمد جي لاءِ بهاري ۽ خوشي حاصل ٿي وئي هن شاعر سي حرفي جوڙيندڙ احمد جي اسم (نالي) جسم (پوري وجود) مان افضل الذڪر لااله الاالله جاري ٿي ويو ۽ هيڏانهن هوڏانهن يعني هر طرف کان چوڌارون ذاتِ واحد جا ۽ ذاتِ هُوَ جا جلوا ۽ جوتَ نظر اچڻ لڳا ۽ احمد هنن جلون ۽ نظارن ۾ مَحو ۽ فنا ٿي ويو

مصطفیٰ جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام

حسبي ربي جل الله
مافي قلبي غيرالله
نورمحمد صلي الله
مكه مدينه بيت الله
لااِلٰهَ الاالله مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ

حَسْبُنَا اللهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ○
پاره 4 سورة اٰلعمران رکوع 18 آيت 173
ترجمو: الله اسان کي ڪافي ۽ ڪهڙو سٺو ڪارساز آهي.

وَلٰکِنْ لِّيَطْمَئِنَّ قَلْبِيْ ط
پاره 3 سورة البقرة رکوع 35 آيت 260
ترجمو: پر گهران ٿو ته منهنجي دل کي قرار اچي وڃي.

قَدْ جَاءَکُمْ مِّنَ اللهِ نُوْرٌ وَّکِتَابٌ مُّبِيْنٌ○
پاره 6 سورة المآئده رکوع 3 آيت 15
ترجمو: بيشڪ توهان وٽ الله جي طرفان هڪ نور آيو ۽ روشن ڪتاب.

اِنَّ اَوَّلَ بَيْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِيْ بِبَکَّةَ مُبَارَکَةً.
پاره 4 سورة اٰلعمران رکوع 10 آيت 96
بيشڪ سڀ کان پهريون گهر جيڪو ماڻهن جي عبادت لاءِ مقرر ٿيو اهو آهي جيڪو مڪي ۾ برڪت وارو.

تشريح: هن آخري بند ۾ حضرت احمد سائين قلب کي زنده ڪرڻ جي حقيقت ٻڌائي تہ راهِ سلوڪ ۾ مشائخ ڪرام صوفياءِ عظام ۽ اولياء الله سڀ کان پهريان طالب کي قلب زنده ڪرڻ جو سبق ڏيندا آهن ۽ انساني جسم ۾ موجود لطائف سِتّه (ڇهن لطيفن) مان سڀ کان اول لطيفہ قلب تي توجه فرمائن ٿا جيئن تہ قلب جي زندگي جو دارو مدار ذڪرِذات تي آهي رب العٰلمين قلب جي زندگي جو ذڪر خود پاڻ ڪلامِ مجيد ۾ فرمايو آهي تہ (اَلَابِذِكۡرِاللّٰهِ تَطۡمَئِنُّ الۡقُلُوۡبُ) يعني خبردار دل جي زنده رکڻ ۽ زنده ڪرڻ جو ذريعو ۽ وسيلو ذڪرِالٰهي آهي جنهن سان دل دنيا جي سڀ شغلن کان آزاد ٿي ڪري الله تعالي جي معيت قرب ۽ وصال جي لائق بڻجندي آهي انهيءَ ڪري حضرت احمد سائين فرمائي ٿو تہ ذڪر قلب کان پوءِ مونکي ڪنهن شيءَ جي لوڙ ڪونهي (حسبي الله) تہ الله مونکي ڪافي آهي ۽ هاڻ منهنجي دل ۾ الله تعالي جي ذات کان سواءِ ٻيو ڪوبہ غير ناهي خدا جي فضل و ڪرم سان حضور انور صلي الله عليه وسلم جي نظر عنايت ۽ مرشد جي روحانيت جي ڪري منهنجي دل ذاتِ حق جي منزل ۽ تجليات رباني جو مسڪن بڻجي چڪي آهي هاڻي هن دل ۾ نورِمصطفي جا جلوا ۽ مڪہ شريف خدا جي گهر جا نظارا هردم مونکي نظر اچن ٿا ۽ اها هڪ سالڪ جي

منزل مقصود آهي هن بند ۾ پهرين مصرعي جو ثبوت آيت 1 مان ملي ٿو تہ الله مونکي ڪافي آهي ۽ مان سمورا ڪاروبار دنياوي توڙي روحاني الله جي ئِي سپرد ڪيا اٿم مطلب تہ اهو ئِي پنهنجو وڪيل آهي بند جي ٻئي مصرعي جو ثبوت آيت 2 مان ملي ٿو تہ جڏهن سالڪ جو دل خدا جو مسڪن بڻجي ويندو آهي تہ هر غير خدا هن جي دل مان نڪري ويندو آهي ۽ خدا جا تجلا ۽ رباني انوار ڏسي ڪري سالڪ طالب جي دل ۾ اطمينان ۽ سڪون اچي ويندو آهي.

ٽئين مصرعي ۾ نورِمحمّدي صلي الله عليه وسلم جو ثبوت حضرت احمد سائين آيت نمبر 3 جي حوالي سان فرمائن ٿا تہ اسان ظالمن ۽ جاهلن کي ڪفر شرڪ ۽ گمراهي جي اونداهي مان ڪڍڻ خداوند ڪريم اسان ڏانهن پنهنجو نور نبي آخرالزمان جي صورت ۾ ۽ هڪ روشن ۽ ڪليل ڪتاب قرآن شريف جي شڪل ۾ موڪلڻ فرمايو مؤمن جي دل مڪو يعني خدا جو گهر بہ آهي ۽ مدينو يعني انوارِمصطفي جو مظهر بہ آهي حضرت احمد سائين مؤمن جي قلب کي مڪہ شريف ڪوٺيندي آيت نمبر 4 جي حوالي سان وضاحت فرمائي تہ انسان جي وجود جو مرڪز دل آهي جيئن زمين جو مرڪز مڪہ آهي ۽ هن دنيا ۾ خدا جو پهريون واحد گهر يا مسڪن ۽ معبد آهي.

اداري طرفان

الحمدللهِ جامعه آفتابُ العلوم احمدآباد خانڳڙهه شريف حضرت احمد سائين جي فيض جو مظهر تي اُڀريو آهي جنهن ۾ دنيوي،ديني تعليم بشمول حفظ وناظره قرآنِ ڪريم،درسِ نظامي (ايم اي اسلاميات) جي ڪورس جو نظام موجود آهي ۽ اڄ اوهان جي هٿ ۾ جيڪو رسالو مظهر اللطائف (بَنام ثنا سي حرفي) موجود آهي اهو بہ هن اداري جي فيض جي جهلڪ آهي.
نوٽ: ثنا سي حرفي ۾ قرآني آيات جو ترجمو تفسير ڪنزالايمان (سنڌي) مان ورتل آهي.
هر صفحہ تي ڇڏيل بياضي تي مختلف اوراد ۽ وظائف وادعيہ مجربہ منقول ازپيران ڪبار قادريہ ڏنيون ويون آهن جيڪي هڪ املهہ، موتين جي حيثيت رکن ٿيون ثنا سي حرفي جي ورد ۽ معمول رکڻ سان گڏو گڏ مذڪوره وظيفن مان بہ استفادو ڪندا .

شــــڪــــريــــه

شجره خليفه مولانا عبدالغفار رحمة الله عليه

خليفه مولانا حضرت سائين عبدالغفار رحمة الله عليه فرزند محمد آدم صاحب قوم مهر سندن جو اصل ڳوٺ علي مهر هو پاڻ عالم، فاضل ۽ حافظ القرآن هئا ديني تعليم همايون شريف وارن وٽان حاصل فرمائي هئي سندن کي قادري طريقي ۾ بيعت ۽ خلافت حضرت حافظ محمد صدّيق عليه الرّحمة باني خانقاه ڀرچوندي شريف وٽان عطا ٿي پاڻ سر:ار غلام محمد خان مهر جي وڏن جي گذارش تي ڳوٺ علي مهر مان تشريف وٺي اچي خانڳڙه شريف ۾ قيام فرمايو جتي پاڻ درس تدريس ۽ پيش امامي ڪرڻ فرمائي.پاڻ شادي ٻه ڪيائون جنهن مان ٽي فرزند ارجمند تولُّد ٿيا جن جا نالا هي آهن 1 حضرت احمد سائين رحمة الله عليه 2 غلام محمد رحمة الله عليه 3 شفيع محمد رحمة الله عليه

وفات

حضرت سائين عبدالغفار رحمة الله عليه حضرت حافظ محمد صدّيق رحمة الله عليه (باني خانقاه ڀرچوندي شريف) جي وفات کان 17_18 سال بعد 29 صفرالمظفر 1325ھ ۾ وصال ڪري ويا حضرت سائين عبدالغفار جن جي ڳالهه ڪندا آهن ته جڏهن روضو شريف (خانقاه ڀرچوندي شريف) نهي رهيوهو ته پاڻ اتي سران مستري

کي ڏيندا هئا پوءِ جڏهن اُوساري ايتري بلند ٿي وئي جو
ڪو بہ ماڻهو مستري تائين سِرَ پهچائي نٿي سگهيو
اُتي پاڻ ئِي واحد هستي هئا جيڪي بالا منزل تي سِرَ
اڇلي پهچائيندا هئا سِرَ پهچائڻ جو انداز هي هيو جو
هٿ ۾ سِرَ وٺي ضَرب لاالٰهَ اِلَّاالله هڻندا هئا ۽ سِرَ کي
مٿي اڇلائيندا هئا جيڪا بِنا ڏڙڪ جي مستري تائين
وڃي پهچندي هئي سندن جي وفات جو اظهار مولانا
بهاءُالدين بهائي صاحب جي هيٺ ڏنل فارسي شعر مان
ملي ٿو

سالِ وِصالش شہِ اقليمِ معرفت
فرمود منہُ صِدرَۃُ الْمُنتَهيٰ سروش

خليفه
حضرت مولانا احمد سائين رحمة الله عليه

ولادت

حضرت احمد سائين رحمة الله عليه حضرت سائين عبدالغفار رحمة الله عليه جن جا فرزند ارجمند آهن سندن جي ولادت باسعادت سنہ 1290ھ مطابق 1869ع ڳوٺ علي مهر ۾ ٿي سندن جو تعلق مهر قبيلي سان هو.

تعليم:

حضرت احمد سائين رحمة الله عليه کي والده ماجده ننڍپڻ ۾ حضرت سيّدالعارفين هادي المُضِلّين حضرت حافظ محمد صديق رحمة الله عليه جي خدمت ۾ وٺي وئي جِتي پاڻ بيعت کان مُشرّف ٿيا حضرت حافظ صاحب سندن جي والده ماجده کي فرمايو تہ هن کي ديني تعليم ڏياريو پوءِ ان حڪم مطابق ديني تعليم لاءِ اتي ئِي يعني خانقاه ڀرچونڊي شريف ۾ ڇڏيو جِتي پاڻ ٽي سال رهيا ان کان پوءِ فتح پور جي مدرسي ۾ لوءِ مبارڪ (گهوٽڪي) ۾ جناب حضرت سيّد رسول بخش شاه جيلاني سجاده نشين درگاه لوءِ صاحبان جي خدمت ۾ 11 (يارنهن) سال ديني تعليم لاءِ رهيا هت حضرت پير موسيٰ شاه صاحب رحمة الله عليه فيض روحاني جا درياه هئا جتان فقير نور محمد چاچڙ پاروچي چٽي مسجد واري کي اعليٰ روحاني درجو عطا ٿيو ۽ حضرت احمد سائين رحمة الله عليه فرمائن ٿا مون تي بہ دلائلِ وَهبي جي عنايت ٿي پاڻ زندگي جا 21_22 سال ديني تعليم حاصل ڪرڻ ۾ صرف ڪيا.

خلافت:

سندن جي گوشهءِ زندگي مان معلوم ٿئي ٿو ته فيض باطني پنهنجي مرشِد مُرَبّي حضرت حافظ محمد صدّيق رحمة الله عليه کان 16_17 سال جي عرصي تائين حاصل ڪندا رهيا باقي فيض باطني ۽ خلافت بعد ازوصال سيّد العارفين حضرت حافظ محمّد صدّيق عليه الرَّحمة کان عطا ٿي اهڙو ذڪر پاڻ پنهنجي تصنيف "مظهرتصديق" ۾ اشارتًا بيان ڪيو آهي.

وفات

حضرت احمد سائين رحمة الله عليه جن جي سوانح حيات مان اها معلومات ملي ٿي جو سندن جو وصال 23 شوال اڱاري جي رات 1935ع بمطابق 1353 هجري ۾ (63 سالن جي عمر ۾) ٿيو. محمد اعظم سراجي ولد بهاءُالدين بهائي عليه الرحمة وصال نامي ۾ لکي ٿو ته

قادری مَشْربَ اهلِ غفاری. بحرِ عرفانِ حق ازوجاری

مرد مردانِ حق چون بودان مرد. رفت زینجاؤ درجنان جاکرد

بیست دہم سوم از مہِ شوال. شب سه شنبه بود یافت وصال

درود تاج

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۝

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلٰنَا مُحَمَّدٍ صَاحِبِ التَّاجِ وَالْمِعْرَاجِ
وَالْبُرَاقِ وَالْعَلَمِ ؕ دَافِعِ الْبَلَآءِ وَالْوَبَآءِ وَالْقَحْطِ وَالْمَرَضِ وَالْاَلَمِ ؕ
اِسْمُهٗ مَكْتُوْبٌ مَّرْفُوْعٌ مَّشْفُوْعٌ مَّنْقُوْشٌ فِی اللَّوْحِ وَالْقَلَمِ ؕ سَیِّدِ
الْعَرَبِ وَالْعَجَمِ ؕ جِسْمُهٗ مُقَدَّسٌ مُّعَطَّرٌ مُّطَهَّرٌ مُّنَوَّرٌ فِی الْبَیْتِ وَ
الْحَرَمِ ؕ شَمْسِ الضُّحٰی بَدْرِ الدُّجٰی صَدْرِ الْعُلٰی نُوْرِ الْهُدٰی كَهْفِ
الْوَرٰی مِصْبَاحِ الظُّلَمِ ؕ جَمِیْلِ الشِّیَمِ ؕ شَفِیْعِ الْاُمَمِ ؕ صَاحِبِ الْجُوْدِ وَالْكَرَمِ ؕ
وَاللّٰهُ عَاصِمُهٗ وَجِبْرِیْلُ خَادِمُهٗ وَالْبُرَاقُ مَرْكَبُهٗ وَالْمِعْرَاجُ سَفَرُهٗ وَ
سِدْرَةُ الْمُنْتَهٰی مَقَامُهٗ وَقَابَ قَوْسَیْنِ مَطْلُوْبُهٗ وَالْمَطْلُوْبُ مَقْصُوْدُهٗ وَالْمَقْصُوْدُ
مَوْجُوْدُهٗ سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ شَفِیْعِ الْمُذْنِبِیْنَ اَنِیْسِ الْغَرِیْبِیْنَ
رَحْمَةٍ لِّلْعٰلَمِیْنَ رَاحَةِ الْعَاشِقِیْنَ مُرَادِ الْمُشْتَاقِیْنَ شَمْسِ الْعَارِفِیْنَ سِرَاجِ
السَّالِكِیْنَ مِصْبَاحِ الْمُقَرَّبِیْنَ مُحِبِّ الْفُقَرَآءِ وَالْغُرَبَآءِ وَالْمَسَاكِیْنِ سَیِّدِ
الثَّقَلَیْنِ نَبِیِّ الْحَرَمَیْنِ اِمَامِ الْقِبْلَتَیْنِ وَسِیْلَتِنَا فِی الدَّارَیْنِ صَاحِبِ قَابَ قَوْسَیْنِ
مَحْبُوْبِ رَبِّ الْمَشْرِقَیْنِ وَرَبِّ الْمَغْرِبَیْنِ جَدِّ الْحَسَنِ وَالْحُسَیْنِ مَوْلٰنَا وَمَوْلَی
الثَّقَلَیْنِ اَبِی الْقَاسِمِ مُحَمَّدِ بْنِ عَبْدِ اللّٰهِ نُوْرٍ مِّنْ نُّوْرِ اللّٰهِ یٰۤاَیُّهَا الْمُشْتَاقُوْنَ
بِنُوْرِ جَمَالِهٖ صَلُّوْا عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلِّمُوْا تَسْلِیْمًا ۝